
نگر نگر ۾
اوهانجي خوشبوءِ
(شاعري)
نور الدين نفيس
SAMBARA
PUBLICATION HYDERABAD

# نگر نگر ۾ اوهانجي خُوشبوءِ

(شاعري)

نور الدين "نفيس"

سمبارا پبليڪيشن حيدرآباد

ڊجيٽل ايڊيشن:

2019ع

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

**ڪتاب نمبر 113**

**حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ**

**ڪتاب جو نالو: نگر نگر ۾ اوهانجي خُوشبوءِ**
**موضوع: شاعري**
**شاعر: نور الدين "نفيس"**
**سهيڙيندڙ: عبدالسلام ٿهيم**
**ڇاپو پهريون: مئي 2018ع**
**لي آئوٽ: آفتاب احمد هنگورو**
**ڪمپوزنگ: عبدالرئوف ٿهيم**
**ٽائيٽل: رضوان گُل**
**تعاون : بزمِ ادب جاتي ضلعو سجاول**
**ڇپائيندڙ: سمبارا پبليڪيشن**
**مٺو ٽاور سامهون عبرت پريس، ويجهو دوابہ پوليس لائين، گاڏي کاتو، حيدرآباد**
03003513966

**مُلهہ: 300 روپيا**

***Nagar Nagar Me Awahan G Khushbu***
(***Poetry***)
***By: Noor ul Din "Nafees"***
***Sambara Publication Hyderabad***
***03003513966***

## ڪتاب ملڻ جا هنڌ:

پيتائي ڪتاب گهر حيدرآباد.، سمبارا بڪ هائوس حيدرآباد، ادبي بورڊ بڪ اسٽال تلڪ چاڙهي حيدرآباد، قليچ ڪتاب گهر سنڌي لينگويج اٿارٽي حيدرآباد، ڪنگ پن بڪ هائوس پريس ڪلب حيدرآباد، ڪامريڊ بڪ اسٽال ڄامشورو. رابيل ڪتاب گهر لاڙڪاڻو، مهراڻ ڪتاب گهر لاڙڪاڻو. وسيم ڪتاب گهر شڪارپور، سنڌيڪا ڪتاب گهر سکر. تهذيب بڪ اسٽور خيرپور ميرس، ٿر ڪتاب گهر مٺي. الفتح نيوز ايجنسي سکر.

# ارپنا


ارپنا

ارپنا اُن امڙ جي نانءُ جنهن ڏهن (10) آنن
مان هڪڙي ڪڪڙ ورتي، ڪڪڙ چوزا ڪيا جيڪي
وڏا ٿي ڪُل 160 رپين ۾ وڪرو ٿيا. 160 رپين
مان هڪڙي ڏڳي (ڳئون) ورتي جنهن جي ڪير ۽
نسل مان منهنجي پرورش ڪري مونکي هن درجي
تي پهچايو، ۽ سندس رحمت و شفقت ڀريا هٿ
منهنجي سر تي سدائين رهيا.

ارپنا اُن امڙجي نانءُ، جنهن ڏهن(10)، آنن مان هڪڙي ڪڪڙ ورتي، ڪڪڙ چوزا ڪيا جيڪي وڏا ٿي ڪُل 60 رُپين ۾ وڪرو ٿيا. 160 روپين مان هڪڙي ڏڳي (ڳئون) ورتي جنهن جي ڪير ۽ نسل مان منهنجي پرورش ڪري مونکي هن درجي تي پهچايو، ۽ سندس رحمت و شفقت ڀريا هٿ منهنجي سر تي سدائين رهيا.

__ نور الدين ”نفيس“

# سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو نئون ڪتاب **"نگر نگر ۾ اوھان جي خوشبوءِ"** اوھان اڳيان پيش ڪري رھيا آھيون. ھي ڪتاب ناميارِي ليکڪ ۽ شاعر **نورالدين نفيس** جي شاعريءَ جو مجموعو آھي.

جبري حالتن خلاف قلم جي تقويت جو اندازو سائين نورالدين "نفيس" جي ھن ڪتاب "نگر نگر ۾ اوھان جي خوشبوءِ" مان چڱيءَ طرح لڳائي سگھجي ٿو، جنھن ۾ بي معنيٰ زندگيءَ کي معنويت سان روشناس ڪرائڻ جا رستا ۽ ڪنھن بہ جابر جي اکين ۾ پنھنجي اندروني متل باھ جا اُلا پسائڻ جون مڙئي رمزون سيني ۾ لھندي محسوس ٿينديون، موجوده دور ۾ جتي مزاحمتي ادب جي کوٽ شدت سان محسوس ڪئي پئي وڃي، اتي يقينن نورالدين "نفيس" ٿھيم جي ھيءَ تصنيف سنڌ ٻوليءَ جي مزاحمتي ادب ۾ اھم جاءِ والاريندي.

ھي ڪتاب سمبارا پبليڪيشن، حيدرآباد پاران 2018ع ۾ ڇپايو ويو آھي. ٿورائتا آھيون سمبارا جي سرواڻ ساجد سنڌيءَ جا جنھن ڪتاب جي ڪمپوز ڪاپي موڪلي سنڌ سلامت ڪتاب گھر ۾ پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني.

**محمد سليمان وساڻ**
مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي )
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**
**books.sindhsalamat.com**

## پبلشر نوٽ

پنهنجي ڌرتيءَ ۽ ٻوليءَ سان انسيت ۽ محبت جو رچاءُ سنڌ جي قلم ڌڻين جي ذات ۽ ذانءَ سان اهڙو تہ ڳنڍيل آهي جو ڇڻ ڪا بہ رچنا سندن اظهار بنا اڻپوري هجي، لاڙ پٽ جي مٽيءَ مان ڳوهيل انيڪ قلمڪارن جون تخليقون پڻ پنهنجي اندر اهڙين ڪرشماتي قوت سان سرشار ملن ٿيون، جن کي داد ڏيڻ ڪانسواءِ رهي نہ ٿو سگهجي، سائين نورالدين ”نفيس“ جو علمي ۽ عملي سفر جون ڪٿائون تہ سندس ويجهي رهندڙ ساٿين واتان ٻڌڻ لاءِ تہ هزارين ملنديون پر جڏهن سندس تخليقي پورهئي خاص طور مزاحمتي شاعريءَ تي نظر وجهجي ٿي تہ اکيون حيرت وچان پنڊ پهڻ بہ چوڻ ٿيون، جو سندس رچنائون معاشرتي ٻيچ ڏاهہ خلاف پڙاڏو بڻجي احتجاج جي انوکي روپ ۾ اسان کي اسان جو پوائنٽو آئينو ۽ آئيندي جا اولڙا پسائڻ لاءِ بضد آهن، ان ۾ ڪوبہ شڪ ناهي تہ سائين نورالدين ”نفيس“ جي قلم جي جنبش باغي ڪردارن کي اپاري داغي چهرن کان ساموهون آڻڻ جي جستجو ۾ هميشہ سرگرم عمل محسوس ٿئي ٿي.

جبري حالتن خلاف قلم جي تقويت جو اندازو سائين نورالدين ”نفيس“ جي هن ڪتاب ”نگر نگر ۾ اوهان جي خوشبوءِ“ مان چڱيءَ طرح لڳائي سگهجي ٿو، جنهن ۾ بي معنيٰ زندگيءَ کي معنويت سان روشناس ڪرائڻ جا رستا ۽ ڪنهن بہ جابر جي اکين ۾ پنهنجي اندروني متل باهہ جا اُلا پسائڻ جون مڙئي رمزون سيني ۾ لهندي محسوس ٿينديون، موجوده دور ۾ جتي مزاحمتي ادب جي کوٽ شدت سان محسوس ڪئي پئي وڃي، اتي يقينن نورالدين ”نفيس“ ٿهيم جي هيءَ تصنيف سنڌ ٻوليءَ جي مزاحمتي ادب ۾ اهم جاءِ والارينديِ، توڙي جو صاحب ڪتاب اسان وچ ۾ موجود ناهي پر سندس رچنائون فني ۽ فڪري حوالي سان نهايت جاندار ۽ هيئين سان هنڊائڻ جهڙيون آهن، ان سلسلي ۾ سندس ويجهو رهندڙ ساٿي قلمڪار عبدالسلام ٿهيم جون ڪوششون بہ قابل داد آهن، جن سندس ادبي پورهئي کي ساهہ سان سانڍيو ۽ سمبارا پبليڪيشن پاران ڇپائي اوهان جي هٿن تائين رسائي نهايت سرهائي محسوس ڪجي ٿي.

_ ساجد سنڌي
0300-3513966

مُهاڳ

# مزاحمت جي جُرئت جا گُلاب

فلاسافيءَ جي دُنيا ۾ ”مري بہ جيئڻ“ هڪڙو ڏاڍو دلفريب موضوع آهي، سنڌي ٻوليءَ ۾ اڄ کان ڪي ٽي صديون اڳي اسان جي بابا ٻڌائي ”مُيائي جياس“ جي هٽيلي سِري سان قومي تناظر ۾ ان فلسفي جي محبوباڻي تشريح ڪئي هُئي. ڳالهہ جو ڳُر اهو ٿو بيهي تہ حياتي سچ بہ حَسين حقيقت آهي، پر جسماني طرح غيرموجود رهي بہ موجود هُجڻ، ان کان بہ وڌيڪ حُسناڪ حقيقت آهي، اهو نقطو مون هتي شعوري طور ان حوالي سان جاڳايو آهي جو مون کي ان سيبتي شاعر جي ان لکل شاعريءَ تي ڪُجهہ اظهار اورڻ جو موقعو مليو آهي جيڪا پهرين مجموعي جي صورت ۾ پڌري ٿيڻ جي منتظر آهي، پر جنهن جو سرجڻهار هاڻ هن ائتمي دُنيا کان گهڻو پري مٽيءَ جي آسمان هيٺان گهاٽي ننڊ ۾ سُمهي رهيو آهي. هو پن ڇڻ جا ڇاٽيل پيلا پن ۽ بهارن جا تيزيل جواڻ نيرا، ڳاڙها گُل پين اکين جي ڏسڻ لاءِ ڇڏي هليو ويو آهي، پر اُن سان گڏ اسان لاءِ ڇڏي ويو آهي سامونديءَ ڇولين جهڙي اهڙي بيقرار شاعري جيڪا پهرين پيار وانگي دل ۽ ذهن جي توجهہ ڇڪائيندڙ الهڙ سچ آهي، اها شاعري 1980ع واري ڏهاڪي کان سُرجڻ شروع ٿي ۽ 2015ع ۾ آخري غزل جي صورت ۾ پُڄاڻي جو سڏ ٿي وئي. ”زندگي ڇڻ ڪو ٿوهر.......!“ اها سِٽ اُن آخري غزل ۾ دل وانگي دڙڪندي رهجي وئي! تخليقڪار جو تصور ڪابہ قبر ڪائي نٽي سگهي، اِها گواهي نوالدين ”نفيس“ بنا شڪ جي چٽيءَ ريت نروار ڪئي آهي. سمنڊ سان هيئين جو حال ونڊيندڙ نفيس 80ع واري جنهن ڏهاڪي ۾ شعر لکڻ لاءِ سفر تي نڪتو، اهو دؤر جديد سنڌي شاعري جو گهڻو اهم دور ليکجي ٿو. اُن جو ڪارڻ اهو آهي جو اسان جي هماليہ جبل جيڏي عظيم شاعر شيخ اياز جي اثر ۽ عروج کان هٽيءَ ڪري اسان جي ڪن جديد شاعرن پنهنجي نئين واٽ اختيار ڪرڻ جو سفر شروع ڪيو هو. ان ئي دؤر ۾ آڪاش انصاري لکيو هو:

”جلاوطن، جلاوطن، جلاوطن، مان ڪيئن رهان جلاوطن؟“

۽ حليم باغي چيو هو:

”جي جيون تو ۾ سنڌ نہ آ، پوءِ مُنهنجي توکان دوريءَ آ!“

۽ مظهر لغاري جي نظم بہ مهڪي ايئن اوريو هو تہ :

”گهٽيا جي گندگيِ اِهي شهيد ٿيل گُلاب ڏس !“

مطلب اهو تہ اها نئين صورت گيريءَ مزاحمت جو نوڪدار عنصر بڻجي اُڀري هُئي. اُن زماني ۾ لاڙ جي هن نئين تخليقي شاعر نورالدين نفيس شاعريءَ پئي ڪئي. هُن جي خوبصورت شاعريءَ تي ويچار ونڊڻ کان پهرين اهو چوڻ چاهيندس تہ هِي مجموعو شاعر سان مُحبت ڪندڙ ساٿين سهيڙيو آهي، اُن محبت کي بہ سلام آهي. نورالدين نفيس جيڪڏهن حياتي هُجي ها تہ ضرور پنهنجي طريقي سان هِي مجموعو مُرتب ڪري ها، ۽ علم عروض جا لاها چاڙها بہ پاڻ چَڪاسي ها. ان ڪري هنن دوستن کان ڪا ڪمي پيشي رهجي بہ وئي آهي تہ آئون اُن کي سواليا بنائڻ جو حامي ناهيان. جس آهي انهن دوستن کي جن پنهنجي هن ڏات ڏٽي کي وساريو ناهي، جنهن ڪڏهن ڪنهن ڳهريل شام ۾ ايئن لکيو هو تہ:

مزارن ۾ ڏيئڙا تہ هر ڪو ٿو ٻاري،
مُخالف هوا ۾ سي ٻاريو تہ مڃجي.

آڙين جون اکيون پڙهندڙ سمنڊ جي علائقي جو رهواسي شاعر نورالدين ”نفيس“ پنهنجيءَ شاعريءَ جي آئيني ۾ ذرو بہ لڪل ناهي. هڪ سُٺي شاعراڻي وجد، مزاحمتي شعور ۽ قوم دوستيءَ سان رڱيل فڪر سان هُو پڌرو آهي. هُن جون گهڻيون جذباتي ڪيفيتون حُب الوطني کي ولين جيان ويڙهيل آهن. هُن پنهنجي اظهار کي ڪوبہ نقاب ناهي پارايو. اظهار جي سادگيءَ هُن جي شاعريءَ جي خاصيت آهي. روايت ۽ جدت کي گڏيل طور هُن جي شاعري عيان ڪري ٿي. هُن جي شاعريءَ جو ڪينواس ڪو گهڻو وسيع بہ ڪونهي، ۽ روايتي گس گهيڙن تي بہ هُن جي شاعري پنڌ ڪري ٿي، پر اهم ڳالهہ اها آهي جو هي شاعري جدت جي آرزو مند لڳي ٿو، ۽ اڳتي وڌڻ جي تڙپ سان سرشار آهي.

نواڻ جي ڳولا کي نفيس ترڪ ناهي ڪيو. اها بہ پڌري حقيقت آهي تہ هُن جي شاعريءَ جو جُداگانہ اسلوب ڪٿي ڪٿي ڏاڍو منفرد ۽ موهيندڙ آهي. روايتي خيالن کي بہ هُن ڪي ٻوليءَ جيڪا اڃت صورت ڏني آهي اها گهڻي سُندر آهي. جيئن هي شعر آهن:

گُلابن جون ڪليون ڏسي جنهن کي جهُومن،
ٻهارن اوهان ۾ ڏٺي ڳالهہ ٻي آ.

هوا سُٽايا، قصا اوهان جا،
گُلاب ٻڌيا، حصا اوهان جا.

اُها شام ٻُوءَ آ، اوهان جي ڪري،
سڄي جُستجو آ، اوهان جي ڪري.

تُنهنجي ثنا ۾ سائين، لفظن جو موت ٿي ويو،
سُرمي سان تِر لڳائيي، نقطن جو موت ٿي ويو.

غزل جي شاعريءَ ۾ جدت پيرڻ جي هِي ڪوشش وڻندڙ حقيقت آهي. هي تلقيد کان پاسو ڪرڻ جي علامت آهي. هتي هڪ ڳالهہ اها ضرور چوندس تہ شاعريءَ فڪر ۽ خيال ٻنهيءَ جي سگھ جي توازن کان پوءِ نشانبر ٻڻجي ٿي. فڪر جي آرٽسٽڪ اظهار جي انتها کي ڇُهڻ هر شاعر جي وس جي ڳالهہ ناهي هوندي. اهو آرٽ هزارن مان ڪنهن هڪ وٽ نظر ايندو آهي. فڪريءَ آرٽسٽڪ حُسناڪيءَ هڪ گهربل شعور چاهي ٿي. ”نفيس“ اُن رمز کي ڇُهڻ لاءِ اڃا سفر ۾ هو. جو اهو سفر اوچتو بيهي ويو.

نفيس جي شاعريءَ محبت ۽ مزاحمت جي موضوعن تي مُشتمل آهي. اهي ٻئي اهم شاعراڻا موضوع آهن. هڪ تخليقي سگهاري شاعر جي پروڙ بہ انهن ميدانن ۾ ئي پوي ٿي. دُنيا جو هر شاعر محبت ۽ حُسن تي لکي ٿو. اهڙي ريت

تضادن سان ڀريل دُنيا جي ڪري مزاحمتي عنصر بہ شاعريءَ جو روح بڻجي ٿو. شاعرن جو ڪمال اهو رهي ٿو تہ هُو پنهنجي موضوعن ۾ جدت ۽ وسعت پيدا ڪن ٿا، تڏهن ئي مُتاثر ڪن ٿا.

شاعريءَ پاڻ ڪي هر دؤر ۾ وهندڙ درياهہ ثابت ڪيو آهي، اهو ڪمال آهي. نفيس جي رومانوي نفاست ڪي جوانڙ جلوو حاصل آهي، جيڪو نظر انداز نٿو ڪري سگهجي.

شبابن شرابن، بگاڙيو نہ مُنهنجو،
اسان هار ڪاڏي، نگاهن رُلايو.

گُلن ڦُلن ۽ چمن جون ڳالهيون، جڏهن به نڪتيون روئڻ اچي ويو،
تنهنجي ته ڳاڙهي ڳلن جون ڳالهيون، جڏهن به نڪتيون روئڻ اچي ويو.

ياد ايندا اٿم، ڏينهن ڏنگيندا اٿم،
خيال تُنهنجا پرين بس وڍيندا اٿم.

اهڙو سادگيءَ سان سرشار رومانوي اظهار نفيس پيار سان پيش ڪيو آهي، پر حقيقت ۾ ڏٺو وڃي تہ نفيس جي شاعريءَ جو سگهارو پاسو مزاحمتي فڪر ئي آهي. اصل ۾ هُن مزاحمت ڪي وبهي شاعريءَ ۾ گهَڙيو ناهي، پر مزاحمت خود هُن جي اندر مان ٻاهر آئي آهي. اها وطن سان محبت ۽ قومي شعور جي دلبر وارتا آهي. هتي اهو بہ چوڻ چاهيندس تہ هُن جي اظهار ۾ کُهري جذباتيت ڪي آئون عيب نٿو سمجهان.

ٿورو سوچيو: جڏهن اوهان جي تاريخ مان اوهان جو ئي رَت ٽِمندو هُجي! اوهان جو سمنڊ، اوهان جو مُهاڻو غُلاميءَ جي ڪنارن وچ ۾ قابو هُجي! اوهان گل بجاءِ رڻ ٽيندا رهو! اوهان جي ڇاتيءَ تي وزنيءَ بوٽ هر وقت سوار رهن! اهڙيءَ انڌڪار ۾ ڪو مُحب وطن شاعر ڪيئن ٿو چُپ جي مصلحت ڪي پاڪر پيري ننڊ ڪري سگهي؟ اوسارن جي موسمن ۾ تخليقيت ڪارين اکين جي

ڪجل ۾ پاڻ کي دفن ڪري ڇڏي، اهو ڀلا ڪيئن ممڪن آهي؟ نفيس سچو شاعر بڻجي پنهنجو فرض ادا ڪيو آهي. توڙي جو هُن کي گهڻا ڇرڪائيندڙ نظم تخليق ناهن ڪيا پر ڪن نظمن ۾ هُن جي مزاحمت جي فجر جي جوڳيءَ لُڏي تاري جهڙي جوت خوب لڳي ٿي.

پِٺيا پرائي پٽ جا، حصا پٽيون گهرن پيا،
هُو ڇيٽ تن ڇڪي ڏنا، وري ڪٽيون گهرن پيا،
هو روشنين جي شهر ۾، اجا ٻٽيون گهرن پيا،
هِي گهر ڏيئا ٻه ڇڻ ويا، اوهين جي ننڊ ۾ پيا،

چُرڻ ڦِرڻ تي پابندي، حقن گهرڻ تي پابندي،
عيدون ميلا ملاکڙا، ملڻ جُهلڻ تي پابندي ،
اڳيان وڌڻ تي پابندي، جهڙو جيئڻ تي پابندي!

نورالدين ”نفيس“ جو جاڳندڙ شعور قوم سان گڏ بيٺل آهي. هو جاڳندو رهڻ، ”ننڊ نہ ڪجي ناڪُئا“ جو قائل پيارو تخليقي شاعر آهي. آئون ڪنهن تخليقي منفرد شاعر لاءِ مري وڃڻ ڪانپوءِ لفظ ”هو“ ”شاعر هو“ استعمال ڪرڻ مُناسب نہ سمجهندو آهيان، ڇو جو جيڪو شاعري جي صورت ۾ موجود آهي. اِهو موجود رهڻو آهي.
نفيس جو اظهار ڪٿي ٻہ مُنجهيل نٿو لڳي. ڇو جو اهو اظهار وطن جي وارثيءَ چاهي ٿو. اهو وطن جيڪو اونداهي ۾ دفن ٿي رهيو آهي، لُٽجي رهيو آهي. ڏيئن کي اُجهائڻ وارا هٿ ڪو روڪڻ وارو ناهي، ان ڪري صلاح آهي تہ ننڊ نہ ڪريو. نفيس جُرئت جي ڳالھ ڪرڻ وارو انسان ۽ شاعر آهي. بيباڪي هن وٽ روح جيان آهي.

اسين خُدا کي ڪٿي ٻہ ڳوليون، اوهان کي نيهہ هُجن مسيتون،
اوهان جون رسمون اوهين ٿا ڄاڻو، اسان کي پيا ريون اسان جون ريتون،

اسين سچائي جاڙون صداقت، اسان کي ملنديون هميشہ جيتون،
اوهان کي سوئر سَٽي پيو سَٽبو، اوهان سان وڙهبو.

**هِي منطقي مزاحمت جو خوبصورت اظهار نظر انداز ڪرڻ جهڙو ئي ناهي. غزل جي شاعريءَ ۾ بہ اهوئي مزاحمتي روپ نفيس خوب پسائي من کي موهي ٿو.**

هُن گهٽيءَ ۾ گهٽبو، گهوٽ تُنهنجو وَني،
اي وَني، او وَني، سيج واري نہ روءَ.

هيءَ بازار آ، پاءُ چا ٿو ڏسين،
ٿيو ضمير اج شيءَ آ بازاري، نہ روءَ.

هي تہ ڳالهيون سڀ پُراڻيون، انقلابي ڳالهہ ڪر،
ڇڏ عذابي ۽ ثوابي، ڪا نرالي ڳالهہ ڪر.

**روشن خيال، ترقي پسند فڪر جي حمايت ۽ وطن جي درد ۾ ڳڙيل ڳوڙها هِن شانائتي فڪر ۾ پنهنجيءَ دل سان موجود آهن. هِي لاجواب شعور جو داستان آهي. اهو شعور انقلاب ڏسڻ جو آرزومند آهي، بيقرار آهي. رجعت پرستيءَ هِن ڪاهہ کي ۽ ان جي سگهہ کي ڪڏهن بہ سمجهي نٿي سگهي. سچ تہ هيءُ سون جهڙو اظهار آهي، جيڪو اهو نقطو ٿو نروار ڪري تہ سنڌ جو هر شاعر سنڌ کي هڪ وطن جي اک سان ڏسي ٿو. اهو وطن ڪڏهن بہ ننيڙو ۽ ڪنهن جو بہ ڳڙهہ ٿي نٿو سگهي.**

گُونگي سنڌ ڙي مُنهن کي ڪول !

سَڏ تون پئي ڪرين، سَڏ آئون نہ ڏيان !
پوءِ اڏ ٿي مران.

اِهو ”نفيس“ جي وائي جو ورلاپ آهي، ڳالهہ دل جي سنڌ جي آهي. ڳالهہ خاموشيءَ کي ختم ڪرڻ جي آهي. مات جي مرونءَ جا سگّ ڪيسين تائين آخر برداشت ڪبو؟ سڏ ڪي سڏ نہ ڏبو تہ اڏ ٿي مري وڃبو. اها وقت کي پنهنجيءَ مُٺ ۾ قيد ڪرڻ ۽ آڻڻ جي حسرت آهي، مثال اها حسرت واهوندو بڻجي وڃي.

هڪ شاعر، شاعر صرف ناهي هوندو، اُهوتہ اصل ۾ عشق هوندو آهي، ان عشق کي سمجهڻ جي ضرورت هوندي آهي. عشق حيرت جو آسمان آهي.

باوجود فني ڪِن اوڻاين جي، نہ موجود هوندي بہ نورالدين نفيس شاعريءَ جي صورت ۾ اسان جو حصو آهي. جيڪو محبت جي لائق آهي.

اُميد تہ هِن شعري مجموعي ”نگر نگر ۾ اوهان جي خوشبو“ جي آجيان ٿيندي.

17_04_2018

ايوب ڪوسو
جهڏو، ميرپورخاص
.03063066162

پڙاڏو

# آدرشي دور جي پُڪار

سنڌي جي شاعريءَ مظلوم جي مزاحمت آهي، ائين ڪٿي چئجي ته سنڌي شاعري جو بنيادي عنصر مزاحمت آهي، ڪلاسيڪل شاعري کان وٺي جديد شاعري پنهنجي مزاج ۾ ڪيڏو به رومانٽڪ، عوامي، وطن پرست هجي پر سندس فڪر جو بنياد مزاحمت آهي، اها مزاحمت سنڌي قوم جي مزاج جو حصو آهي، جيڪا تاريخ سنڌين کي ورثي ۾ ملي آهي، اها انسان کان جانور بڻجڻ جي تاريخ آهي، ڦورن ، لٽيرن، آمرن ۽ ظالمن جي تاريخ آهي، انهيءَ ڪري تاريخ سنڌي ماڻهو جي لاشعور ۾ مزاحمتي عنصر کي سدائين قائم رکيو آهي. اسان ٿورو غور ڪنداسين ته سنڌي ادب جو سونهري دور ون يونٽ واري دور کان وٺي 1980ع جي آخر تائين آهي، ان کان پوءِ سنڌي ادب انهيءَ دور جي مزاحمت جو تسلسل آهي، سنڌ جڏهن قومي طور وحدت ۾ پوئيل هئي. ته سنڌ پنهنجي وجود کي مڃائڻ جو سوال ڪٿي اڳتي وڌي رهي هئي. جڏهن شيخ اياز، سرويچ سجاولي، ابراهيم منشي، محمد خان مجيدي مزاحمتي شاعري جا سرواڻ هئا. نورالدين ”نفيس“ به انهيءَ شاعريءَ جو تسلسل آهي،

شاعري بنيادي طور سان سنگيت جو حصو آهي، جنهن ۾ رقص ۽ ترنم موجود هوندو آهي، جڏهن به ڪو شاعر شاعري ڪندو آهي ته ان جو بنيادي ڪارج پنهنجي اندر جو رقص عيان ڪرڻ آهي، جڏهن شاعري ٻولن ۾ جنم ورتو ته فڪر جو سنگم به شاعري جو بنياد بڻيو. جيڪي عالمي نوعيت جا شاعر هوندا آهن انهن جا تصور ، محاڪات به اعليٰ ۽ نرالا هوندا آهن، جن جو فن ۽ فڪر جو سنگم گهرو هوندو آهي. ڪارلائل جي دليلن مطابق ته ڪير به شاعر ٿي سگهي ٿو، وليم ورڊس ورٿ جي وصف مطابق ته ڪير به شاعر ٿي سگهي ٿو ، پر شاعري صرف جذبن جي اڇل ناهي، شاعري ترنمي ڏن جو اظهار ناهي، شاعري خود ترنم آهي جنهن جي اڇل وجود مان ڇلڪي ٿي، جذبا ته هر ماڻهو جا اٿل ڪائين ٿا پر هر ماڻهو شاعر ٿي نٿو سگهي، نورالدين ”نفيس“ جي شاعري وجود ۾

واردات جو مسئلو آهي، جيڪو وجود خاڪي جسم جو پابند ناهي، انهيءَ ڪري شاعر بي اختيار چئي ڏي ٿو.

اسان جيئڻ جيون، گذاريو نه ميجي،
قدم پنهنجا ثابت ، ڏيکاريو نه ميجي.

ها منصف جي اڳيان ۽ محتسب جي سامهون،
پُڪاري ڪو ظالم، بيهاريو نه ميجي.

هي شعلن جا درياءَ، هي ٽانڊن جا رستا،
هتان ڪا نه ڪشتي اُڪاريو نه ميجي.

هي هڪ چئلينج آهي، انهيءَ ڪري ته پنهنجي وجود جو ماحولياتي اظهار به آهي، هر شاعر ڪي هڪ دور جي ساخت هوندي آهي، شاعر جو موضوع ساخت کان اڳتي نڪري جمالياتي بنجي ٿو، اجا اڳتي شاعر نڪري نوان تصورءِ نوان گهاڙيتا ڏيئي، شاعريءَ کي لازوال بنايئندو آهي، مثال شيخ اياز پنهنجي دور جي ساخت تي جيڪا شاعري ڪئي

جنهن ۾ انقلاب انقلاب. اچ وري هو فا شي ڪتا، هي سنگرام، سنڌڙي تان سر ڪير نه ڏيندو، مان ڏوهي آ مان ڏوهي آ وغيره ان وقت جي ساخت جو چٽو اهڃاڻ آهن، جن کي وقت تاريخ جو حصو بنائي ڇڏيندو، پر جڏهن شيخ اياز جي جماليات ۽ شيخ اياز جا محاڪات شيخ اياز کي شاعريءَ جي دنيا ۾ امر ڪري ڇڏيندا.

نورالدين ”نفيس“ به موضوعن جي شروعات ساخت کان ڪري ٿو، جڏهن هو پنهنجي هڪ گيت ۾ چوي ٿو:

پِٽيا پرائي پٽ جا، حصا پٽيون گهرن پيا
چِيٽ تن چڪي ڏنا، وري ڪٽيون گهرن پيا
هو روشنين جي شهر ۾، اجا بتيون گهرن پيا،
هي گهر ڏيئا جڻ ويا، اوهين جي نند ۾ پيا،

ڏارين جا ڪتڪ تہ سنڌ ۾ ايندا رهيا انهن لتيو ڦريو ڪاڏو، پر ايتري ڏڪار ڪا ورلي شاعريءَ ۾ ملندي، جيتري نفيس جي شاعري ۾ موجود آهي، ايترو درد محسوس ڪرڻ ڪنهن مظلوم جي دانهن ٿي سگهي ٿي. تاريخ شاهد آهي تہ هميشہ مظلوم ئي ظالم جي خلاف شاعريءَ ۾ دانهن ڪندو آهي. جيئن شاهہ لطيف چيو هو تہ:

دريا توتي دانهن، ڏيندس ڏينهن قيام جي.

نورالدين ”نفيس“ اڄ جي دور ڪي ڪيئن ٿو ڏسي، اهو هن شعر مان پر ڪي سگهجي ٿو.

ڪير سڻي سنسار جون ڳالهيون،
پاڻ ڪي گهرجن پيار جون ڳالهيون.

دل جي بدلي دل ڏينداسون،
اهي آهن اقرار جون ڳالهيون.

بادل بوندون، برسي پونديون،
ساوڻ رُت، ملهار جون ڳالهيون.

پيار ڪرڻ آ ڪم اسان جو،
اصل اهي ڪم ڪار جون ڳالهيون.

ڪَلي دل جي جڏهن بہ ٽڙندي،
پوءِ ڪبيون گلزار جون ڳالهيون.

دلبر دلاسو ڪيئن نہ ڏيندو،
”نفيس“ ڪَجَ اظهار جون ڳالهيون.

توهان ٿورو غور ڪريو هتي شاعر روح جو وڪيل آهي سندس وجود ۾ حصول جي بجاءِ ”هئڻ“ جو احساس آهي، سنسار مايا روپي آهي، دنيا دولت

جي پٽيان جيڪي بيماريون پيدا ڪيون آهن، انهن ۾ ساڙ، حسد ، ڪينو ، منفيت، مَ سهپ، قتل وغارت، رشتن ۾ ڏار، بي ايماني، چاپلوسي، مايوسي، اڪيلائي ، ڇتي ڇتاپيتي الائي ڇا ڇا!!!! اهڙي صورتحال ۾ ماڻهو جيڪو پنهنجي وجود جي هئڻ ڪي معنيٰ ڏيڻ چاهي ٿو تہ هوبهو اهو ئي اظهار ڪندو جيڪو نورالدين"نفيس" ڪيو آهي. "نگر نگرِ اوهان جي خوشبو" جو هي مجموعو پنهنجي نالي مان ظاهر آهي تہ هي آدرش واد جي دور جي نشاندهي ڪري ٿو. هر امير طبقو آدرش کان عاري آهي، ڇو تہ آدرش مرڪزيت کان سواءِ ناهي، پر امير جي اميري ڇڙواڳي کان سواءِ نہ هلندي، تنهن ڪري غريب لاءِ آدرش اجتماعي قومي ضمير مثل آهن. جنهن جو اڄ جي دور سودو ڪري ڇڏيو آهي. جنهن لاءِ نفيس چوي ٿو.

ناٽڪ نٽين جو ڏيک ڏهون آ، اوهين پلي ڏيکاريو تماشو،
جنهن دم پڙدو ڪڇندو تُهنجا ڪيل سمورا منجي ويندا.

هر دور جو پنهنجو مزاج آهي، اڄ جو دور مارڪيٽ جو دور آهي، انسان سان لاڳاپيل سمورا احساس، جن ۾ فن، ادب، مصوري، پيار، شاعري وغيره سيني جو آواز بليڪ هول ۾ گم ٿيو وڃي. سماج ۾ رڳو شور آهي، انهيءَ ڪري جو ماڻهو منجهه مرون اڳين کان اڳرو ٿيو آهي. نفيس جي شاعري انهيءِ آخري آدرشي دور جي پڪار آهي، جنهن ۾ اڃا دور بدلائڻ جو ساهس ساڳيو هو، پر اڄ جي دور جو لقاءَ بدلجي ويو آهي، اڄ شاعر جي حساس دل جو قدردان نہ رهيو آهي، نفيس جي چواڻي "سڄو حال في الحال بي حال ٿي ويو آهي.

**پروفيسر ڊاڪٽر غفور ميمڻ** 17-04-2018

چيئرمن

سنڌي ٻوليءَ جو با اختيار ادارو

پيتا

# گونگي درد کي زبان ڏيندڙ ڪوي

بي شڪ ڏات اها ذات آهي، جيڪا ڪنهن ڪنهن ماڻهو جي حصي ۾ اچي ٿي، هر ڪنهن لا ان وٽ جاءِ ڪونهي.

هڪ مانيٽي مزاج، ڏيري جسم، سانوري رنگ واري نفيس کي ڏات جي ديوي سندس حصي ۾ ملي، هو جنهن مهل به پنهنجو ڪو شعر پڙهائيندو هو تہ اها ئي خوشبو، اهو رنگ، ڍنگ ۽ انگ محسوس ٿيندو هو. سندس شاعري ۾ خوبصورت لفظن، استعارن ۽ خيالن جي بلندي جا عڪس بہ چٽا آهن.

ساموندين جي هڳاءَ دار هوائن، ساحل جي رڃن ۾ وسندڙ گرم لڪن ۽ ڏونگرن جي ڏيهہ جو ڌرتي ڄائو نورالدين نفيس جيترو خاموش رهندو هو، اوترو وري سندس قلم جي جنبش سمورين خاموشين کي ٽوڙي ڇڏيندي هئي. هن مجازي ۽ غيرمجازي شاعري ۾ گونگي درد کي زبان جي ڪيفيت بہ نظر اچي ٿي، هو درد جي قافلي ۾ جستجو ۽ حوصلو رکندڙ مسافر آهي، جنهن آرام ۽ عيش بدران آزادي , پيار ۽ ڪاميابي جا خواب ڏٺا هئا.

شاعراٽي مزاج ۾ هر ڪيفيت پٺيان شاعر جا خواب اوٽيل رهندا آهن.

حساس ماڻهن تان قيامت تڏهن گذرندي آهي، جڏهن مظلومن جي حق تي راتاها هڻندڙن جا نوان نوان روپ ۽ انداز سامهون ايندا آهن، نفيس اهڙي ڪرب جي پاڇن ۾ مزاحمت جي پاسي ٿي بيٺو , هو بنا هٻڪ ۽ پرواهہ جي قلم جي تکي نوڪ سا وڙهندو رهيو.

هن ستل قوم کي جاڳ جا سڏ پڻ ڏنا

جيئن:

پٽيا پرائي پٽ جا ، حصا پٽيون گهرن پيا
چيٽ تن چکي ڏنا ، وري ڪٽيون گهرن پيا
هو روشنين جي شهر ۾ ، اجا ٻٽيون گهرن پيا ،
هي گهر ڏيئا جڙ ويا ، اوهين جي ننڊ ۾ پيا ،

اوهين جي ننڊ ۾ پيا.......

**وري پيو نظم ڏسو:**

صدا ڏني آ سنڌ امان ، اُٿو منهنجا اي نوجوان،
اوهين وطن جا پاسبان ، ڏسو ظلم روان ڏوان،

جتا ٿاهي جنهي وجو ، ڪي ڳاٽ ڏاڍ جا لُٽو،
ڇڇو نه پٽ تي ڇٽو ، ڪجي اوهان سان ڇا بيان،
ڏسو ظلم روان ڏوان

زماني جي زلزلن جا جيڪي لوڏا انسان کي اصل حالت کان هٽائي ڇڏيندا آهن، تہ روايتي جملو قائم ٿي ويندو آهي تہ ”رسم دنيا“ يا ”دنيا جي وهڪرن ۾ وهي وڃڻ“ جهڙيون اصطلاحون نفيس جي نہ ڊڪشنري، نہ مزاج هيون ۽ نہ ئي ڪيس زلزلن لوڏي هٽائي ڇڏيو، هو جتي هو اتي ئي بيٺو رهيو.

ها هيڻن سندي حسرتن جو قسم،
منهنجي محبوب جي مسرتن جو قسم،
پونءَ پلاري تنهنجي برڪتن جو قسم،
ماءُ! توکان جي مان ساهہ سانگو ڪيان،
پوءِ نلهو ٿو جيئان پوءِ نلهو.........

جڏهن نظرين، فلسفن، اصولن ۽ ضمير جا جڳهہ زر، زمين ۽ تجوڙين جا قصا زور وٺڻ لڳا، تڏهن بہ هو پنهنجي سوچ تي قائم رهيو تہ فائدن جي بازار مان ڪجهہ خريد نہ ڪبو ۽ نہ ئي اهڙو ڪري وارو ڪر بڻبو. نفيس ان تانگهہ ۾ هو جنهن لاءِ فيض احمد فيض چيو آهي تہ:

لازم ہے کہ ہم بھی دیکھیں گے۔۔۔

تِج تُنھنجي پيئان،
جان تو تان نہ ڏيان،
پوءِ اڌ ٿي مَران، پوءِ اڌ ٿي مَران......

لوئي ليھون ڏسي،
آئون چُپ ٿي ويھان،
پوءِ اڌ ٿي مَران، پوءِ اڌ ٿي مَران......

چڻ ھو درد جي سمنڊ جي ان ڪناري تي بيٺل آھي، جتي درد ڇوليون ھڻي پيو. بندرن ۽ بازارن جي ماضي واري خطي سان تعلق رکندڙ نفيس جي شاعري بہ انھن بندرن ۽ بازارن وانگر آھي، جتي سنڌ جي سونھن بہ پسجي پئي، ڌرتي جي اڪير بہ بڪجي پئي تہ دردن , ڏکن ۽ ڏاڪڙن جي سسڪين جا آواز بہ ٻڌجن ٿا. حسن جا گيت ٻڌندڙ، پوٽن جي سرھاڻ ڪي ڇھندڙ ۽ سونھن ۾ گم سم رھندڙ نورالدين نفيس ڌرتي، پيار ۽ درد جي وچ ۾ سفر وارو اھو مسافر ھو، جنھن ڪي بھارن ۾ فطرت جي مرڪڻ جو انتظار ھو، پر ھو بھار کان اڳ ۾ پن چڻ جي نظر ٿي ويو.

باقي پنھنجي شاعري سندي صنوبر جي خوشبوءِ سان شاعراڻو ڪيتر معطر ڪري ويو، ماڪ ۾ پنل پنکڙيون اڄ بہ ٻڌائين پيون تہ نفيس اسان جي وچ ۾ آھي.

**زاھد اسحاق سومرو**

جاتي، ضلعو سجاول

15 اپريل 2018

## سھيڙيندڙ پاران

# ڏرتيءَ سان عشق جي خوشبوءِ

اھي محرم جا ڏينھن ھئا، ماحول سوڳ جي ڪاري چادر ۾ ويڙھيل ھيو، ھر اھلِ دل جي من ۾ ماتمي موسم ڇانيل ھئي.

انھن ڏينھن ۾ منھنجون دلي ڪيفيتون وڌيڪ ڏکاريون ھيون، ھڪ تہ محرم جي ڏيھاڙن جي اُداسي پاڻ ۾ اھڙو اثر رکي ٿي، جو ھر حساس ماڻھو ڪربلا جو واقعو پنھنجي سيني تان گذرندو محسوس ڪري ٿو.

سو ھڪ پاسي منھنجي من جي اسڪرين تي اھا حسيني مظلوميت جي تصوير ڊسپلي ٿي رھي ھئي، ٻ دل ڏک ۾ ٻڏي تي ويئي، تہ وري ٻي پاسي گھر ۾ ھن جي حالت مونکان ڏٺي ڪونہ پئي ٿي.

ھڪ تہ ھو ھيو ئي نفيس مزاج جو سنھڙو سيپڪڙو....

پيو وري ھن ۾ ڪنھن بيماريءَ اچي پناھ ورتو ھو، جنھن جي سڃاڻپ نہ ٿي سگھي ھئي.

خوفناڪ ڳالھہ اھا ھئي تہ ھن جي جسم مان رت سُڪي ويو ھيو، ھُن ذاتي مونجھارن سبب انھيءَ سڀ کي ليکيو نہ ھو .

ٻي ڳالھہ تہ ھو اسپتالن جي جھنجھٽ ۾ پوڻ ڪونہ چاھيندو ھيو ،اھو ئي سبب ھو تہ ھاڻي پاڻي مٿي ڪان چڙھي ويو ھيو.

20آڪتومبر 2015 اڱاري جو ڏينھن ۽ ستين محرم جي رات ھئي، ھو سول اسپتال ڪراچي ۾ داخل ھيو ۽ اھو ھنجو اسپتال ۾ پھريون ڏينھن ھو.

تقريبن رات جو ٻارھين وڳي ھن پنھنجي پير ۾ ويٺل جاتي جي سينئر استاد سائين شمس الدين ميمڻ کي ڪجھہ چوڻ چاھيو ٿي، پر گلي ۾ تڪليف سبب لفظ صحيح ادا ڪري نہ سگھيو ھو، تڏھن سائين شمس کيس ڪاغذ جو ٽڪرو ۽ پين ڏني تہ توھان جيڪو چوڻ چاھيو ٿا ھن تي لکو ۽ ھن ٽُٽل ڦُٽل اکرن ۾ ھڪ جملو لکيو

”ننڊ ٿي اچي“......!

سائينءَ شمس سمجھيو شايد ڏينھن واري سفر ۽ اسپتال جي رولڙي سبب ٿڪي پيو آھي، تنھن چيس ”توھان ڀلي آرام ڪيو...“

۽ ڪجهہ ئي گهڙين ۾ هن ڪي ساهہ ٽي پيو ۽ ڏسندي ڏسندي هو واقعي سمهي پيو.

هڪ اهڙي ننڊ ۾ هليو ويو، جنهن ۾ جاڳ جو تصور بہ ديواني جي خواب جيان آهي.

هن جي ائين اوچتو بيمار ٿيڻ، ۽ تڪڙو تڪڙو هتان رخصت ٿيڻ ڪي من مڃي ڪونہ پيو، پر من جي مڃڻ يا نہ مڃڻ سان ڀلا ڪهڙو فرق پوي ٿو، موت تہ اٽل حقيقت آهي.

پر موت عام ماڻهن کي مات ڏيندو آهي، نفيس تہ غير معمولي ماڻهو هو.

هونئن بہ جنهن ماڻهو ڌرتيءَ تي پنهنجي حال آهر ڪم ڪيو هجي، انهن جا نالا موت تہ ڇا پر وقت جا وڏا طوفان بہ مِٽائي نہ سگهندا آهن.

نورالدين نفيس بہ دراوڙن جي ديس جو اهو سجاڳ ڪردار هيو، جنهن عام جي اُجار ۽ جاڳ لاءِ غزل، گيت، نظم لکيا، هن اسٽيج ناٽڪن ذريعي ماڻهن کي انهيءَ دور ۾ پرک ڏني، جنهن دور ۾ آواز ڊٻايا ويندا هئا.

ميڊيا آزاد ڪو نہ هئي، غريبن جا پٽڪا دوڙ ٿيندا هئا، پر ڀوتارن ۽ جاگيردارن تي آڱر کڻڻ گناهِ ڪبيره سمجهيو ويندو هيو.

نورالدين نفيس انهيءَ دور ۾ جاتيءَ جهڙي پٺ تي پيل علم و ادب کان محروم علائقي ۾ غدار ۽ روپلو ڪولهي جهڙا مزاحمتي ڊراما پيش ڪري بند زبانن تان ڄڙ تالا ڪولڻ جي ڪوشش ڪئي هئي، نہ فقط ايترو پر هن آرٽ کي هٿي وٺرائڻ لاءِ جاتيءَ ۾ شاهين آرٽ سرڪل جاتيءَ جو بنياد وڌو، جنهن جي پليٽ فارم تان ڪيترن ئي نوجوانن پنهنجي صلاحيتن جو کلي اظهار ڪيو.

نورالدين نفيس آرٽ، ادب، علم ۽ انسانيت جو سچو خدمتگار هو، پر هن پنهنجي حياتي ۾ ڪڏهن بہ پنهنجي سيني تي هٿ رکي نہ چيو تہ مون گهڻو ڪجھ ڪيو آهي.

نورالدين نفيس پنهنجي تخلص جيان مزاجن نفيس هيو، طبعيت ۾ مائيٽو ۽ سهپ وارو ماڻهو هو.

نفيس جي پاڙي جا ماڻهو سندس ڪردار جي خوشبوءِ جي ڪوٺ محسوس ڪندي چوندا آهن تہ؛

”نورالدين نفيس سڄي پاڙي ۾ گل جيان هو“.

اھا حقيقت آھي، تہ ھڪ اھڙو شخص جنھن پنھنجي زندگي ۾ ڪڏھن بہ ڏاڍيان نہ ڳالھايو، ڪڏھن بہ ڪنھن سان نہ اٽڪيو. عام ماڻھن جيان ھِتي ھُتي ڪونہ ويندو ھو، وڏ ۾ وڏ گھر ۾ جي بور ٿيو تہ جاتي مان وھندڙ گونگڙي شاخ جي ميران واري تڙ وٽ اچي ويھندو ھو، چاڪاڻ ھو فطرت پسند ماڻھو ھو.

اسان جڏھن ننڍا ھئاسين، تڏھن گھر ۾ گھر جي پرسان اوطاق ۾ طرحين طرحين جا گل ڏسندا ھئاسين، جن جي سنڀال ھو پاڻ ڪندو ھو، رات ٿيندي ھئي تہ موتئي، چنبيلي ۾ رات جي راڻي جي خوشبوءِ سان سڄو گھر مھڪي اٿندو ھو.

اھڙو ئي مزاج ھو منھنجي مامي نور الدين نفيس جو...

ھو گھڻ رخو شخص ھو، وري جي سندس شاعري جي ڳالھہ ڪريون، تہ ھو ڪمال جو شاعر ھو، سندس تخيل جي اُڏام اوچي ھئي، ھن جي ڪلام جو محور ڌرتي ۾ سرتي ھيو، ھن جي جيڪڏھن مزاحمتي شاعري پڙھجي ٿي تہ پتو پوي ٿو ھو ڌرتيءَ تي ساھ ڇڏيندڙ ڪوي ھو.

تڏھن تہ ڌرتيءَ جي ويرين کي ھيئن چوندو نظر اچي ٿو؛

پاپي تنھنجي پاپ جا پاڙا پٽجي پٽجي پٽجي ويندا
ڏاڍ جا ڏونگر ڏاھن اڳيان ڏٿجي ڏٿجي ڏٿجي ويندا
وقت زنجيرون پاتيون چا ٿيو؟ ضمير رھندو ساڳيو ساڳيو
ڦري تنھنجا قيد ڪڙولا،ڪسجي ڪسجي ڪٽجي ويندا

نفيس ڌرتي جو شاعر ھو، نفيس تبديلي پسند شاعر ھو، نفيس سنڌ پرست شاعر ھو، نفيس ڌرتي جي مسڪين ۾ ڏتڙيل ماڻھن جي ڏکن جو ترجمان شاعر ھو.

شايد ھنجو اڪثر اڪيلو رھڻ جو سبب بہ اھو ھو تہ ھن تي الھامي ڪيفيت طاري ٿيندي ھئي، ھن سنڌ سان عشق جي موضوع تي جيڪي بہ نظم لکيا آھن، تن ۾ عشق ۾ مزاحمت گڏ گڏ ھلن ٿا.

نفيس جي جمالياتي شاعري بہ خوبصورت آھي، ھن حسن جي ڳلين ۾ بہ جھاتيون پاتيون آھن، سندس عشقيہ شاعري فڪر سان ٽمٽار آھي،

هن نيون نيون تشبيهيون استعارا، محارا پنهنجي شاعري ۾ ڪتب آندا آهن، سندس غزل ۾ تخيل جي اُڏام ۽ فڪري حسناڪي ته ڏسو.

وري بد نظر جي نظر ٿي وياسين،
زماني جي اک ۾ ڪنڊو ٿي وياسين

ٿشو پيپر جيان،اگهي بس ڦٽو ڪيائين
ڇهري سندس جو پگهر ٿي وياسين

اشارو جتي ٿيو،اُتي ئي رهياسين
لڱل دنگ جو چڻ پٿر ٿي وياسين

نفيس جيترا سٺا نظم لکيا آهن، اوترا ئي هن فڪر سان ڀرپور غزل لکيا آهن، جتي سندس نظمن ۾ للڪار ۽ بيباڪي آهي، اتي قوم جي ستل فردن کي جاڳائيندي سڏڙا ڪندي پڪاريندي به نظر اچي ٿو

پٽيا پرائي پٽ جاءِ حصا پٽيون گهرن پيا
چيٽ تن چڪي ڏٺا، وري ڪٽيون گهرن پيا
هو روشنين جي شهر ۾ اجا بتيون گهرن پيا
هي گهر ڏيئا به چڻ ويا،اوهين جي ننڊ ۾ پيا.....

...........

جبل جيڏو جگر رکي، اوهين اچو ۽ ڪجهه ڪريو
ها پيٽ سان پٿر رکي، اوهين اچو ۽ ڪجهه ڪريو
ڪومعرڪو مگر رکي، اوهين اچو ۽ ڪجهه ڪريو
هن مياڻيءَ منجهه ملاڪڙا،ڏسو ويري وڙهڻ لڳا
اوهين جي ننڊ ۾ پيا.....

نفيس پنهنجي ذات جو اجايو وچاءُ نه ڪيو، هن ڪڏهن به مقصديت جي بنا پنا ڪارا ڪونه ڪيا، هن جيڪو ڪجهه به لکيو ڪمال لکيو، هن جي هڪ

عادت هئي، هر جڳھ تي پاڻ کي نروار ڪونہ ڪندو هو، هو خاموش رهي پنهنجو ڪردار ادا ڪندو هو.

جڏهن بہ ڪا ڏر ڏرتي تي وار ڪرڻ جي ڳاله ڪندي هئي تہ هي تپي پوندو هيو، ميري اک وارا هن جي اکين جو ڪنڊ هوندا هئا .

جڏهن سنڌ دشمنن پاران سنڌ جي ورهاڱي جو رينگٽ ٻڌڻ ۾ ايندو آهي تہ مون کي انهيءَ وقتَ نفيس جو هي نظم ياد ايندو آهي

اسان اوهانجي سڏن تي ڊوڙون هزار ڀاتيون هزار ڀيرا
اسان اوهانکي،اکين جي اڳيان،هتي سان ٿاهي ڏنا آکيرا
وفا جي بدلي اوهان ڏنو ڇا ؟ جلائي ڇڏيا جگر ۽ جيرا
اوهانکي هاڻي ڪڏهن نہ ڇڏبو،اوهان سان وڙهبو..

اهڙا فرد ئي ڌرتي جا حقيقي عاشق شاعر هوندا آهن، جن جو ڪلام هر دور ۾ ويرين تي وڄ جيان وراڪا ڪري ڪرندو آهي، نورالدين نفيس جي ڪلام ۾ بہ اهڙي مزاحمت نظر اچي ٿي. نورالدين نفيس شاعر سان گڏ پلوڙ ڊراما نگار، هدايتڪار، ڪهاڻيڪ-ار، مضمون نگار ۽ استاد هيو، اها حقيقت آهي تہ هن گهٽ لکيو، پر اهو بہ سچ آهي تہ هن ڀرپور لکيو.

سندس پيش ڪيل اصلاحي ڊراما ويري رشتا، روشني، بي زبان، روپلو ڪولهي، جمعو-ن جمن جمڙو، غدار، ڇڪ پنڌ ڪي ۽ بخت جي بازي اڄ بہ ماڻهن کي ياد آهن.

انهن ڊرامن جو ڪهاڻيون بہ هن لکيون هيون. نفيس 1 فيبروري 1961 ۾ جاتي شهر ۾ جنم ورتو ۽ 21 آڪٽومبر 2015 تي ڪجھ ڏينهن جي علالت کانپوءِ هميشہ لاءِ اسان کان وڇڙي ويو ،پيشي جي لحاظ کان هو پرائمري استاد هيو، زندگي جي آخري ڏينهن ۾ سندس اها خواهش هئي تہ مين پرائمري اسڪول جاتي جو سئو ساله جشن ملهائجي، جنهن ۾ درسگاه جي ناميارن استادن ۽ شاگردن جا ڪردار پيش ڪجن، جن شاگردن ۾ موتي پرڪاش بہ شامل آهي. نفيس آخر تائين انهيءَ تاريخي درسگاه جو هيڊماستر رهيو.

ادبي لحاظ کان هن جاتيءَ ۾ ساس جي شاخ جو ذاڪر ڪتيءَ سان گڏجي بنياد وڌو، تنهن کان سواءِ هو بزم روح ادب جاتيءَ جو بہ دفعا بنا مقابلي صدر ٿيو،

سندس صدارتي دور ۾ بزم پاران وڏن ادبي ميڙاڪن ٽيڻ سان گڏ باقائدگي سان پاراڻو رسالو روشن تارا بہ جاري ٿيندو هيو. هن کي ادبي ۽ فني دنيا ۾ اڃا گهڻو ڪجه ڪرڻو هيو، پر ڪيس موت وڌيڪ مهلت نہ ڏني .

بحرحال هن جو اڌ وهيءَ ۾ ادا ڪيل ڪردار انهن ماڻهن جي ڏکهي ڄمار ڪان اتم آهي، جيڪي ڌرتيءَ لاءِ ڪجهہ ڪري نہ سگهندا آهن.

نگر نگر ۾ اوهانجي خوشبوءِ اصل ۾ نورالدين نفيس جي ڌرتيءَ سان عشق جي خوشبوءِ آهي، جنهن جو هڳاءِ هر محبِ سنڌ پٽ محسوس ڪري سگهي ٿو.

هن مجموعي جي حوالي سان هڪڙي وضاحت ڪرڻ ضروري سمجهان ٿو تہ نورالدين نفيس جي تخليق مون وٽ امانت هئي، تنهن کي مون جيئن جو تيئن سندس پڙهندڙن تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، ٻي ڳاله تہ ڪتاب جو نالو ۽ ارپنا مرحوم جي پنهنجي ئي ڪيل هئي.

تنهن هوندي بہ ان ڏس ۾ جيڪڏهن مونکان ڪا ڪمي رهجي وئي هجي ته معذرت چاهيندس..

باقي منهنجي خوشي جي ڪا انتها ناهي، چاڪاڻ آئون پنهنجي مامي جي ادبي پورهيي کي محفوظ ڪرڻ ۾ ڪامياب ويو آهي، اها ئي منهنجي وڏي خوشبختي آهي.

۽ انهيءَ ڏس ۾ مونسان سنڌ جي پلوڙ شاعر ادا اقبال شاهين جو وڏ ڪان وڏ سهڪار رهيو آهي، جنهن کي جس هجي جو هن ڳالهين ڪرڻ بدران منهنجو عملي ساٿ ڏنو.

ساڳي جڳه تي سمبارا پبليڪيشن ۾ روح روان دلبر دوست ساجد سنڌي، محترم ڊاڪٽر غفور ميمڻ، محترم ايوب ڪوسو، سائڻ مريم مجيدي، محترم زاهد اسحاق سومرو ۽ محترم رضوان گل جا بہ لک لائق جن بہ هن ڪتاب جي سلسلي ۾ پيار ونڊيو.

ساڻ گڏ ڪتاب جي ڪمپوزنگ ۽ سيٽنگ لاءِ پياري عزيز عبدالرئوف ٿهيم ۽ جي ايم ڪتي جن جو بہ مشڪور رهندس.

**عبدالسلام ٿهيم**

جاتي ٽائون، ضلعو سجاول

03332565570


25-04-2015
غزل

اسان جيئڻ جيون، گذاريو تہ ميجي،
قدم پنهنجا ثابت، ڏيکاريو تہ ميجي.

ها منصف جي اڳيان ۽ محتسب جي سامهون،
پُڪاري کو ظالم، بيهاريو تہ ميجي.

هي شعلن جا درياء، هي ٽانڊن جا رستا،
هتان کا تہ ڪشتي اُڪاريو تہ ميجي.

مزارن ۾ ڏيئڙا تہ هر کو ٽو ٻاري،
مخالف هوا ۾ ، سي ٻاريو تہ ميجي.

جتي روز بازار بيروت بنجي،
اُتي پيار پيارا پُڪاريو تہ ميجي.

هي حورن جا جوڙا هي سُهڻن جا ٽولا،
هتي تند ٽُون ٽُون، تنواريو تہ ميجي.

وڏو نانءُ تُنهنجي سخا جو ٻڌو سين،
”نفيس“ ڪجهہ اسان ڏي نهاريو تہ ميجي.

❊

ڪونجن قطارون، ڏسي روئي ڏنوسين،
طوطن تنوارون، ٻڌي روئي ڏنوسين.

نہ اچڻ جو ڪارڻ، پيرن جي ميندي،
خوبصورت بهانو، پڇي روئي ڏنوسين.

زماني جي چٺرن ڪي روڪي نہ سگهيس،
هٿي سر پٽين سان، لڪي روئي ڏنوسين.

پنهنجا درد پوڳن جي چادر ۾ ويڙهي
سڪي! اڄ قسم سان، سچي روئي ڏنوسين.

هوا ۾ چڏيا اٿن، ڪيڏا ٿهڪ اُڇلي،
پسي روئي ڏنوسين. يارن جو رويو

”نفيس“! ڪئين اُميدون اوهان ۾ هيون پر،
اوهانجي محفل ۾، اچي روئي ڏنوسين.

*

وري بدنظر جي، نظر ٿي وياسين،
زماني جي اک ۾، ڪٽر ٿي وياسين.

راهِ وَفا تي هلندي ئي هلندي،
تنها مسافر، مگر ٿي وياسين.

ٽشو پيپر سان، اُگهي بس ڦٽو ڪئين،
ڇهري سندس جو، پگهر ٿي وياسين.

رياضت، عبادت ڇڙ ئي اجائي،
پنهنجي شهر ۾، دربدر ٿي وياسين.

اشارو جتي ٿيو، اُتي ئي رهياسين،
لڱل دنگ جو ڇڙ، پٿر ٿي وياسين.

سدا ديپ دل جا ٻاري رکياسين،
الائي ڇو انڌيري اندر ٿي وياسين.

هونئن تہ هڪ ذرڙو هئاسين "نفيس"،
سندس نانءُ سان گڏ امر ٿي وياسين.

❊

ڦَٽَن تي ڦَٽڪا لڳن پيا ليڪن، ڇوي ٿو نينگر پُٺي پَٺي ٿَپجي،
اُها ئي ٻولي، ٻُولي پيو ٻچڙو، هٿان نہ هٿبو هٿان ڪيئن هَٿجي.

اسان جي دل ۾ اها ئي ڏرتي، جيسين آ ڌڙڪن تيسين تہ رهندي،
هٿن ۾ ڪڙيون پيرن ۾ ڇُلڙا، ٻِيا تہ ڇا هي ڏاڍن کي ڏٽجي.

بنا سبب جي اسير آهيون، تڏهن تہ ڪنهن جي جهڪڻ جا ناهيون،
اسان حياتيون امڙ کي اربيون، مهان ماڻهو ٻلا ڪيئن مٽجي؟

جيسين وطن ۾ انڌير راتيون، ها تاٽي اڄبيون هزار ڇاتيون،
گناهہ نہ آهي گهرڻ آزادي، پليد پاڙو جيسين نہ پٽجي.

اوهان جا جيسين پنهنجي هٿن سان گلا نہ گهوٽيون تيسين تہ وڙهبو،
پلي ڪٽي پوءِ لڳن تہ گوليون، پلي ڪٽي پوءِ هي ڪنڌ بہ ڪٽجي.

اسين تہ سنڌ جي سورهيہ پُٽن مان، سَهون تہ ڪيئن سَهون امڙ تي ڪَک ڪو،
اسين ايامن ڪنان وڙهون پيا ۽ وڙهبو تيسين جيسين ڪَٽجي.

سِڪون تنهنجي دم ملي ٿو مون کي ”نفيس“ جنهن دم ڪنهن پيي نگر ۾،
فريبي ڦورو لُڇو لُٽيرو، اسان هٿاران هتي ٿو ڦَٽجي.

٭

پاپي تنهنجي پاپ جا پاڙا پَٽجي پَٽجي پَٽجي ويندا،
ڏاڍ جا ڏونگر ڏاهن اڳيان ڏٽجي ڏٽجي ڏٽجي ويندا،

وقت زنجيرون پاتيون ڇا ٿيو؟ ضمير رهندو ساڳيو ساڳيو،
ڦهري ٽُنهنجا قيد ڪڙولا ڪسجي ڪسجي ڪٽجي ويندا،

گهوڙا! رهندا ڪيسين گهاٽا، ايندا رهندا راڄ جا راٽا،
سهندي سهندي گهاٽي گهوٽا، گهاٽا تنهنجا گهٽجي ويندا.

اڃان تہ وارو پُٽ ڏين پيا، ڏرتيءَ ڏيئرون اُٿيون ئي ناهن،
جي نڪري ٻاگهيون ٻائيون آيون، ڏاڍا سارا سَٽجي ويندا.

ناٽڪ نئين جو ڏيک ڏهون آ، اوهين پلي ڏيکاريو تماشو،
جنهن دم پڙدو ڪڇندو ٿُهنجا کيل سمورا مٽجي ويندا.

”نفيس“ ڪنهن جا نوڪر ناهيون ڪيئن قبوليون اها غلامي،
پنهنجا ويري جيڪي ٿيندا ونگن ۾ سڀ وَٽجي ويندا.

*

ڏيهہ ڏڪارو ڏسي ماءُ پياري نہ روءُ،
ماڻهو ماڻهوءَ سندو آ شڪاري نہ روءُ.

وَرَ وِڇڙي ويا، گهرَ پٽجَن پِيا،
ڦهر واري هتي، رات ڪاري نہ روءُ.

رات پڻ ريهہَ بُڏم، هُن رهزن ڪنان،
سنڌ سُڏڪا ڀري ايئن سوياري نہ روءُ.

هُن گهتيءَ ۾ گهُٽيو گهوٽ تنهنجو وَني،
اي وَني! او وني! سيج واري نہ روءُ.

عصمتن جو هتي، روز واپار ٿئي،
هاءِ آنهون ڀري ڏيءَ ڪنواري نہ روءُ.

هيءَ بازار آ، چا چا ٿو ڏِسين؟
ٽِيو ضمير اڄ، شيءِ بازاري نہ روءُ.

نِيرَ واهي ”نفيس“ ڪير آهي جو پُڇي،
لُڙڪ واهڻ هتي، ڪل خُواري نہ روءُ.

*

نماءَ شام ٽاڻي نمائش بدن جي،
رهي آهي حالت اهلِ وطن جي.

ڪڏهن ڪيتَ وِڪڻَن ڪڏهن پيٽَ وِڪڻن،
ڪجي ڇا ڪهاڻي، هتي جي وڏن جي.

وري روج راڙو، متو هُن گَليءَ ۾،
ڏني ڳِلَ گواهي، وحشي ڇنبن جي.

پنهنجا لُٽڙ ويڙهي، پَلئه ۾ ٻڌي ڇڏ،
ڪنهن ڪي ڪاڻِ ڪهڙي، ڪنهن جي غمن جي.

ڪيڏيون سُهڻيون بستيون ٻه ڊاهي وڌائون،
لُٽيرو ڪري ڪيئن، حياءَ تن ڪکن جي.

قتل ٿيو گُلن جو ڪلين پارَ ڳَڊيا،
بقا هاڻ باقي، ڪهڙي چَمن جي.

ڏاڍا لُٽڙ واهي ٽڪاسين ”نفيسَ“،
لڳي ٿو ته آهي هيءَ بستي انڌن جي.

❊

ميلا ۽ عيدون اوهان کي مُبارڪ،
هي مسرت نويدون، اوهان کي مُبارڪ.

اسان غَم کي پانڪر، پري ئي وڏا هِن،
اوهان جون اُميدون، اوهان کي مُبارڪ.

سڀئي غَمَ جو سامان، وٺي هُن اُماڻيو،
هي ههڙيون خريدون، اوهان کي مُبارڪ.

رکيل چاهي يارو، پرنم اکين ۾،
دلبر جو ديدون، اوهان کي مُبارڪ.

۽ واريءَ تي ليڪا، ڪيڙ ڏيو"نفيس"،
سڄڻن جون سينڌون، اوهان کي مُبارڪ.

❋

نگر نگر ۾ اوهانجي خوشبوءِ،
سڄي شهر ۾ اوهانجي خوشبوءِ.

اوهانجي ڳالهين جي ڳاله ڇا ڇئون،
اکر اکر ۾ اوهـــــانجي خوشبوءِ.

۽ پنهنجي نيڻن سندي عطا ڏس،
نظر نظر ۾ اوهانجي خوشبوءِ.

ها تن کي منزل مليو وڃي ٿي،
جن جي سفر ۾ اوهانجي خوشبوءِ.

۽ سچ چوان ٿو ڪافر نہ ڇئجانءَ،
مندر ممبر ۾ اوهانجي خوشبوءِ.

”نفيس“ جي شل نصيب ۾ ٿئي،
پرين! قبر ۾ اوهانجي خوشبوءِ.

*

تنهنجي هٿن ۾ آهي، زندگي ڏيو نہ ڏيو.
پريشان حال منهنجي کي، خوشي ڏيو نہ ڏيو.

آس جا ديپ سجائي رکيا اٿم دل ۾،
تنهنجي ئي وس ۾ آهي، روشني ڏيو نہ ڏيو.

الائي وقت ٿيو جو کلي سگهيا نہ آهيون،
تو تي ڇڏيل آ سُهڻا، کا هنسي ڏيو نہ ڏيو.

پنهنجي ٻانهن جي حجري ۾ پناهہ ڏي مونکي،
دامن يار پنهنجي ۾، گهٽي ڏيو نہ ڏيو.

دل ويئي هٿن مان، ڪو پتو نہ پيو،
سا سڄڻ مونکي موٽائي، اڇي ڏيو نہ ڏيو.

تنهنجي زلفن جي اسيري قبول آهي ”نفيس“
جڳهہ دل پنهنجيءَ ۾، سکي! ڏيو نہ ڏيو.

*

منهنجي خودي بي خوديءَ کي چڏي ڏيو،
زمانا اسان جي خوشيءَ کي چڏي ڏيو.

بنا وقت سڀ ڪنهن وقلي پوي ٿي،
چري دل منهنجي ، چلوليءَ کي چڏي ڏيو.

نہ ڪر ناٽڪي تون، ڪلائڻ جي دعويٰ،
لڙي لُڙڪ پوندا، هنسيءَ کي چڏي ڏيو.

هيءَ سا گهٽي آ، جتان هو لنگهي ٿو،
رقيبو! اسان جي گهٽيءَ کي چڏي ڏيو.

اهي پير ساڳيا نہ ٻاهيو انهيءَ جا،
پريںءَ جي پيرن جي، مٽيءَ کي چڏي ڏيو.

ننڍي ٻار وانگي چيم ڪيس چنبڙي،
چپائين چپن تي چُميءَ کي چڏي ڏيو.

گهٽئي گُل پيرن سان، لتاڙيئي ”نفيس“،
چڱو آ چمن ۾، ڪليءَ کي چڏي ڏيو.

*

اجهو بس اُڏاڻا، پکي ڏنڊ جا هِن،
کھڙو نيھن نماڻا، پکي ڏنڊ جا هِن.

جنين چھنب چوکو چڱو ئي چکيو آ،
تنين چا نکاڻا، پکي ڏنڊ جا هِن.

ڇڏي ديس تنهنجو ويا اُن وطن ڏانهن،
جتي ڏير ڏاڻا، پکي ڏنڊ جا هِن.

هتان هو انهيءَ لاءِ، اُڏي ويا پکيئڙا،
لڳن هنڌ پُراڻا، پکي ڏنڊ جا هِن.

وري مند ٿيندي موٽي هو ٻه ايندا،
تيسين ڪن ٿا ماڻا پکي ڏنڊ جا هِن.

ويا اُن وڳر ۾، جتان هو آيا هُئا،
”نفيس“ تن کي ڄاڻان پکي ڏنڊ جا هِن.

*

وري ڪوبہ بادل بنجي نہ برسي،
وري سونهن هنجيءَ ٽاندا ڏنا هن.

وري اڄ چمن ۾، متو ڇهڇٽو آ،
وري رنگ و بوءِ سان گُل ڪئين ٽِڙيا هن.

وري اڄ ڏڪاريل سيني تي منهنجي،
ڪيڏا وڄ وراڪا ، ڪسر سان ڪيا هن.

گلابن ڪي ڇئجو نہ جهومو نہ جهومو،
لُڇا بُلبلا سڀ، موٽي مِڙيا هن.

اڙي چانڊني! ڇو جهڪي اڄ لڳين ٿي؟
ڇا هُن جي اچڻ جا، نغارا وڳا هِن.

ٿري ويا انڌيرا، اچانڪ ”نفيس“،
وري وارَ واپس ، ڪنهن ويڙهي وڌا هن.

*

ڪيڏا پاڪ جذبا ۽ رشتا ٻڏي ويا،
نشيلي نگاهن جا نخرا ٻڏي ويا.

سنجهي ڪان سحر تائين،سُرڪون شرابي،
پيتيون سين جتي، سي ٽڪاٽا ٻڏي ويا.

رُڳو ڳوٺ بستيون ، ٻڏيون ڪونہ آهن،
قصا ڪئين نوان ۽ پراڻا ٻڏي ويا.

ڌڻ جو ڌڻي ڏِس، ڇڏي ڌڻ ڀڄي ويو،
رڍون، ٻڪريون، گهيٽا ۽ ڇيلا ٻڏي ويا.

خالي ڪيت ٻارا، ناهن تو اُجاڙيا،
اچي ڏِس اڪين سان تہ ڇا ڇا ٻڏي ويا.

فقط هڪڙي ”جينا“ ڪاڏيون ڪونہ گوليون،
مئيون ڪئين جينائون ۽ جمڙا ٻڏي ويا.

ڏسي شهر ثابت، ڇيائون ڪاوڙ مان،
هي ڪيئن بچي ويو ٻيا پاسا ٻڏي ويا.

هو وطن جا پرست ۽ ڌرتيءَ پڄاري،
پنهنجا پيالي پيائي، جيالا ٻڏي ويا.

اسان جو وڏيرو اجا آ آرامي،
پنيان ڳوٺ جا سڀ رستا ٻڏي ويا.

حڪومت ڪان امداد آيو گهٽو پر،
ويو سڀ وڏي گهر ۾ ٽالا ٻڏي ويا.

وطن ڪارڻ لاءِ ڏڪا ڪائي پهتا،
.چيائون، اوهان جا نالا ٻڏي ويا

انڌيرو انڌيرو رُڳو هت انڌيرو،
لڪي چنڊ ويو ۽ تارا ٻڏي ويا.

رهيو هڪڙو نالي، "نوتڪ" شهر ۾،
چون ٿا ته ان جا به گماشتا ٻڏي ويا.

هُئي آفت الاهي، يا هٿ جي ڪا بازي،
"نفيس" پنهنجا سارا، اُجالا ٻڏي ويا.

ها جولاءِ، آگسٽ، ويهه سئو ڏهين ۾،
اسان جا سمورا، وسيلا ٻڏي ويا.

*

[آگسٽ 2010 ۾ سنڌ ۾ آيل مها ٻوڏ جي پسمنظر ۾]

زندگي، زندگي، زندگي، ضد نہ ڪر،
مون تہ تو کي ڏني هَر خُوشي ضد نہ ڪر.

جيڪي تُنهنجا ناهن ، سي ئي طلبين پئي،
منٿ مَج ڪا مِڃي، ڇَڏ اَڙي ضد نہ ڪر.

طلب جن جي اٿَئي تو کي تن جو قَسم،
بي ڇئي، بي ڇئي، بي نڪي ضد نہ ڪر.

واٽ هُن تان وَيو، ڪو نہ ايندو هِتان،
ڪيسين رَهنديءَ هِتي تون ڪڙي ضد نہ ڪر.

مُند بهارن جي آ، ڇڏ خزائون نہ ڳولهہ،
ڳالهہ ڇو ٿي ڪرين ، اج ڪَڙي ضد نہ ڪر.

تو تہ جيڪي ڏٺا، سي تہ سپنا هُئا،
پوءِ حقيقت ڳنان، ايئن هٺي ضد نہ ڪر.

جيءُ جِياري "نفيس" پيار سان پيار ٿو،
جيسين جاهل مڃي پوءِ پَڪي ضد نہ ڪر.

*

مخالف هوائن کي ڏسي، ڇو ته روئين پيو؟
۽ دلبر جي دغائن کي ڏسي، ڇو ته روئين پيو؟

هر ڪنهن جي زبان تي آهي ذڪر سندو تو،
پوءِ پيارا گلائن کي ڏسي ڇو ته روئين پيو؟

هي ڪارا ڪڪر، ڏينهن کي ڍڪي، آيا وسڻ لئه،
تون اهڙي گهٽائن کي ڏسي ڇو ته روئين پيو؟

تو جنهن کي هو پوڇيو، صلو تنهن جو مليو ٿئي،
الفت جي انعامن کي ڏسي ڇو ته روئين پيو؟

توکي تنهنجي وفائن جي ڪري ڏوهي ڪوٺين ٿا،
تون اهڙي گناهن کي ڏسي ڇو ته روئين پيو؟

تو ٿر جي يتيمن جو ڪڏهن حال ڏٺو آهي!؟
اربابي عذابن کي ڏسي ڇو ته روئين پيو؟

هي ڪنهن جي اڳيان لُڙڪ واهين وينو اي ”نفيس“،
بي نور نگاهن کي ڏسي ڇو ته روئين پيو؟

*

گُلن ڦُلن ۽ چَمن جون ڳالهيون، جڏهن بہ نڪتيون روئڻ اچي ويو،
تنهنجي تہ ڳاڙهي ڳلن جون ڳالهيون، جڏهن بہ نڪتيون روئڻ اچي ويو.

تنهنجي هُجڻ جي پري سين حامي، چيائون توبہ گناهہ ڪيو تو،
مڪار اهڙي مُلن جون ڳالهيون جڏهن بہ نڪتيون روئڻ اچي ويو.

اجا تہ تنهنجي عُمر ئي ناهي، وفا ڪان واقف ڪٿان آهين تون،
تيسين تہ تو تي هُلن جون ڳالهيون جڏهن بہ نڪتيون روئڻ اچي ويو.

عبادتن ۽ رياضتن ۾ لذت آ ڪهڙي، مون کي خبر آ،
تون ساڻ گهاريل پلن جون ڳالهيون جڏهن بہ نڪتيون روئڻ اچي ويو.

ڏَها، چِلا پيي گهٽئي پڇايون، وينس گهٽو ئي مُراقبن ۾،
محبوب تو سان مِلَڻ جُون ڳالهيون جڏهن بہ نڪتيون روئڻ اچي ويو.

”نفيس“ نادان آهي ليڪن ، ٿورو تہ سوچيو ٿيو تہ ڪيئن ٿيو،
توهان جي ڪينچَل ڪِلَن جُون ڳالهيون جڏهن بہ نڪتيون روئڻ اچي ويو.

*

چمن ۾ اي يارو، نہ رنگ آ نہ بُو آ،
سڄو سارو گُلشن اُجڙيُ ويو آ.

پريشان آهن بلبل ۽ پونئرا،
نہ سُرهاڻ ساڃي نہ ڪي گُل اُهو آ.

ڪلڻ جي ڪئي سين تہ لڙڪن ورايو،
خطا ٿي اسان کان ويو حوصلو آ.

ڏسجو متان ڪٿ، پليو مان تہ ناهيان!
مدت کان مون کي، نہ دلبر مليو آ.

الاءِ ڇو اُميدون ڪٽي ڪر اُٿيون هِن،
وري اڄ جيئڻ تي اتساهہ ٿيو آ.

”نفيس“ آ حقيقت تہ سچ ناهي لڪندو،
ڪوڙي جو آخر جهڪي ڪنڌ پيو آ.

*

اشڪباري مٿي، بحث جاري آهي،
منهنجي پياري مٿي، بحث جاري آهي.

سڏ سُڏڪا ٻٽيا، جي هوائن جهٽيا،
آهہ زاريءَ مٿي، بحث جاري آهي.

شاهہ شڪاري اڪيون ، ڏاڍيون ٻاري اکيون،
تنهن ڪٽاريءَ مٿي، بحث جاري آهي.

نار ۾ ڏاند جيئن، تيئن ٻِليءَ ۾ ڦرون،
بيقراريءَ مٿي، بحث جاري آهي.

هونئن سوين ڇوڪريون، هن ساڳئي شهر ۾،
پاڙي واريءَ مٿي بحث جاري آهي.

ڀونئري ڪي گُل ڪان چُمي ڇا عطا ٿئي،
ٿاري ٿاريءَ مٿي بحث جاري آهي.

ٻِلن جي ڀنور ۾، ٻڏي وئي حياتي،
سونهن ساريءَ مٿي ، بحث جاري آهي.

چنڊ ڪڪرن لڪائي ، ڇڏيو ڪلهہ ”نفيس“
رات ڪاريءَ مٿي، بحث جاري آهي.

*

تا چڏي بس وجون، هيءَ گهٽي ڇا ڪجي
ٿي اوهان کي ملي، ايئن خوشي ڇا ڪجي.

رهاڻ رس ۾ هُئي پوءِ بہ روئندو رهيس،
ڪين توسان سگهيس مان پڄي ڇا ڪجي.

هي نشيليون اکيون، پر سي ٻڪهيليون اکيون،
ڪانہ سمجهي سگهيون، دل لڳي ڇا ڪجي.

ڪوڙ ايڏو ڪيئي ، قلب ساڙي ڇڏيئي،
وئين حقيقت ڪنان تون هٽي ڇا ڪجي.

ڏس مقدر پنهنجو نيهن ۾ اي ”نفيس“،
ڏينهن قيامت جهڙو وچ ڏسي ڇا ڪجي.

*

توکي ڏسڻ جو گناهہ ڪيو جن، ڪٿي ٿيون ڪن سي ثواب اکيون،
ڪيــڏا نہ ماٺهــو موهــي وڌا ٿـــن، تنهنجون خماريل جناب اکيون.

رنـــدن جـــو رستـــو روڪـي وڌائـــون، شـــراب خانہ ڇڏي ويا سي،
واعــظ وضــو تي ويــا ٿي هَر هَر، جادوگـــريءَ جو حساب اکيون.

اســان جــو رستــو تمــام ڀٽڪيــل، اوهــانجون اکيون امــام آهن،
انـــڌيرا آنڌيـــون ٿـــري وڃـــن ٿـا، جڏهن ڇـڏين ٿيون حجاب اکيون.

اوهيـــن ڀلــي ڪجھ لڪـــايو ليـــڪن، اکـــيون اوهان جون ٻڌائن،
ٿـــوري مـــحبت توکـــي بہ آهـــي، کليـــل لڳـــن پيـــون ڪتاب اکيون.

گُلن ڦُلن جي ڳليءَ ۾ ڳالهيـــون، جڏهن بہ نڪتيون مٺا اوهانجون،
تڏهـــن قسم ســـان لڳيـــون اوهـــانجون، گُلاب کان وڌ گُلاب اکيون.

آهـــي زمـــانو ظـــالم مجـــان ٿـــو مجـــو اوهيـــن پڻ سُريلا ماٺهو
ڏيـــئي محبـــت ڪيـــڏي وڃـــن ٿـــا، ”نـــفيـــس“ کولي نقاب اکيون.

*

گُلن سان محبت، ڪرڻ وارا پيونئرا،
آهي چند گهڙيون، خوشبوءَ گُلن ۾.

هوا آهي آندو نياپو خزان جو،
وجهين چو ٿو ڄاڻي، جندڙي غمن ۾.

مڃان ٿو اوهان کي ڏُکي ڳالهہ لڳندي،
حُجت يار ڪهڙي، قضا جي ڪمن ۾.

وَري بهار ايندي، وَري گُل ٽڙندا،
وَري پوپَٽن سان، ورجانءَ وطن ۾.

ڏسي يار چڙين چتوئن جو پِنڪو،
هو مالهيءَ کي ڳوڙها، اچي ويا اکين ۾.

اُميدن تي جيئندا، رهيا هون "نفيس"
جشن بهاران ٿيندو، هن چمن ۾.

*

اها شام بوءَ آ، اوهانجي ڪري،
سڄي جُستجو آ، اوهانجي ڪري.

اوهان جي اچڻ جو آهي اهتمام،
ڪوئي روبرو آ، اوهانجي ڪري.

اوهانجي هُجڻ سان اسين آهيون قائم،
صنم آب جو آ، اوهانجي ڪري.

۽ ڪيڏيون جلائون بخشي ڇڏيون ٿئي،
دنيا خوبرو آ، اوهانجي ڪري.

اُميدون اسان جون ڀيون باقي ختم ٿيون،
تنهنجي آرزو آ، اوهانجي ڪري.

توسان پيار منهنجو اٿل آ ”نفيس“،
سڏي گفتگو آ، اوهانجي ڪري.

*

دل چري ايئن وري، ڏچي ۾ نہ وجھہ،
عشق ڀوڳ ناهي، همرچي ۾ نہ وجھہ.

زلفن جو باندي، ٻڌائي قبول آ،
مڙئي ملزمن جيئان ڪچي ۾ نہ وجھہ.

سجو شهر آرس موڙي اُٿيو ٿئي،
جيون پُرسڪون، ڏم ڏچي ۾ نہ وجھہ.

ءِ بي داغ دامن، رهيا هون شهر ۾،
سفيدي منهنجي، رنگ رچي ۾ نہ وجھہ.

مطلب جي منڊي ۾، آسودو ننگي جو،
وکر ڪوڙ وارو، سچي ۾ نہ وجھہ.

ءِ چو ڦير ٽاندا، ٻاري چڏيا ٽَن،
”نفيس“ دل پنهنجي، مچ مچي ۾ نہ وجھہ.

*

جڏهن عشق جو ڪٿ، حوالو ڪنيو ويو.
”نفيس“ پنهنجو نالو، نرالو ڪنيو ويو.

جڏهن جوت جي ڪٿ ضرورت پيس،
اسان ڪان اسانجو، اُجالو ڪنيو ويو.

ٻه ٽي ڏُڪ پلجي، پيتاسين ته چا ٿيو،
الاءِ ڇو ڏڪا ڏئي ، پيالو ڪنيو ويو.

جڏهن احتجاجن پچڙ جي ڪئيسين،
ته اُن ڪان ئي اڳ ۾ تالو ڪنيو ويو.

رُڳو ايئن ٻه ناهي رُني هوءَ اڪيلي،
اسان جو ٻه بستر آلو ڪنيو ويو.

ڇڏي بس ڏنائين زهريلي خنجر ڪي،
اها ڳالهه ٻي آ ته پالو ڪنيو ويو.

*

جنونِ شوق ۾ آهيان، ڇڏيو جفا نہ ڪريو،
خيالِ يار کان پاسي، مونکي صفا نہ ڪريو.

آءُ ڪو ابليس تہ ناهيان، جو سجدو نہ ڪيان،
بحث هِن مهل ڪري، وقت هي قضا نہ ڪريو.

!هَو مِلي يا نہ مِلي، سا سندس مرضي مگر،
منتشر سوچ منهنجي ڪي، جاءِ بجاءَ نہ ڪريو.

مان جي مُجرم آهيان تہ، عبارت هيءَ ئي لکو،
اسيرانِ محبت تي، ڪا رِعا نہ ڪريو.

ءِ ڪسر جيڪا رهيل آهي، اوهانجي دل ۾،
چئي ڏيو خوب عزيزوا! ڪا حياءَ نہ ڪريو.

مان صنم خاني هوندس، يا هوندس مئخاني ۾،
گس ،گهٽين ءِ بازار ۾، پُڇا نہ ڪريو.

ڇا ٿيو اگر "نفيس"، گوشہ نشين آهي ٿيو،
دامنِ يار ۾ لِڪيل، رونما نہ ڪريو.

*

گهُتجي گهُتجي ،سُڏڪا نڪتا،
محفل مان ڪي ،پِتڪا نڪتل.

لُڙڪ هُئا يا هيرا موتي،
ڳل تان هُن جي چمڪا نڪتا.

اسين هتِان ڪا سُرڪ نہ سنيرون،
هل! هُتان ڪي مَتڪا نڪتا.

پايل پائي نيٺ هو گُذريو،
ڇا ڇا ڇير مان ڇمڪا نڪتا.

سڀ سند سُهڻا سور ۾ سوگها،
جيءَ جُهريل مان جهتڪا نڪتا.

”نفيس“ تنهنجي نيهن ڪي شابس،
دُشمن، يار پروڪـــــا نڪتا.

*

هانو ٻاري نہ وڃ، ساھہ ساڙي نہ وڃ،
ايئن نهاري نہ وڃ، مونکي ماري نہ وڃ.

چڱو نالو منهنجو تو ڳُڻجي عزت سان،
ڪنهن ڪوتي سڪي جيئن ڪاري نہ وڃ.

جبل جيئن هميشہ اَٽل ئي رهيو آن،
جلوَن سان پنهنجي تون ڳاري نہ وڃ.

عشق جون عطائون، رهيون هن سدائين،
منٿ مڃ اڄ مِٺا، شام ڏاري نہ وڃ.

ڇو ٿو ڇٽرون ڪرين، اڄ اسان تي ”نفيسَ“،
سور تنهنجا ئي خوب، ٻيا ڏياري نہ وڃ.

*

ڏيئا ٻرن پيا، ٿو پانئيان هو اچي پيو،
پتنگ وَرن پيا، ٿو پانئيان هو اچي پيو.

متي ڪهڪشان ۾، ڪشمڪش آ ڪيڏي،
چنڊ ڪڙن پيا، ٿو پانئيان هو اچي پيو.

بي چين پوئرا، ٿورو صبر ڪَر،
گُل ٽڙن پيا، ٿو پانئيان هو اچي پيو.

مَلهن مٿيرن ۾ ارڏن ادن جا ڏِس،
پير ٽِڙن پيا، ٿو پانئيان هو اچي پيو.

۾ جمالِ يار جي ديدار لاءِ،
ميڙ مڙن پيا، ٿو پانئيان هو اچي پيو.

هي ڪنهن جي آجيان آ، ايڏي اچ ”نفيسَ“؟
گهنڊ گُڙن پيا، ٿو پانئيان هو اچي پيو.

*

ڪُليل هُن دريءَ مان، بجلي پئي چمڪي،
لڳي ٿو حُسن جي، تَجلي پئي چمڪي.

ڪڏي ڪنڌ ڪفن مان، اُميدون اُٿيون هِن،
ٿو پانئيان ڪا من جي، مڪلي پئي چمڪي.

رُڳو سڏڙيا هُئا، تڏهن ويا اُڏامي،
هوا ۾ شمع ڏس، هيڪلي پئي چمڪي.

ٻُڌو ٿم سرمد سوريءَ چڙهي ٿو،
تڏهن شهر سارو ۽ دهلي پئي چمڪي.

سچ ڪي انڌيري جي چادر ۾ ويڙهي،
وڏو ڪنڌ ڪٽي اڄ چُغلي پئي چمڪي.

نفيس اُت رياضت، عبادت اَجهائي،
جتي جوت ٻاري، جاهلي پئي چمڪي.

*

اُهي گهوٽ موتيا، اجهو ڪوٽ ڪرندا،
جتي ڪُن ڪلاچيون، اُتي مَڇ مرندا.

هو مياڻيءَ ڪان موٽيو، هو دولهہ ٿٽي ڪان،
منهنجا ڏيهہ ڏُهاري، ڏهيسر ڪان ڏرندا.

هو صوفي بہ آيو ۽ سامي بہ موٽيو،
مگر هاڻ ڦاهيون ۾ ڦندا نہ ڦرندا.

اِهو روپلو راڻل، آ ڪارونجهر اُماڻيو،
گنگهر ڇڻ لٽا سپ، گورا نہ گُڙندا.

ويري وحشين جو ڏسي ڪو تماشو،
سانگين جا سينا، صبح شام ترندا.

اسان ڏينهن راتيون، جي جاڳي گُذاريون،
ليڪا تن ڪان لالڻ، اچي گهوٽ گهرندا.

”نفيس“ تن نادانن جا نالا ڳڻي ڇڏ،
منهنجي ديس ۾ هن جيڪي درندا.

*

اوهان جون جيڏيون، اُچيون ديوارون،
اسان جون تن کان، بلند اُڏارون.

اوهين ڇا باندي بڻائي سگهندا؟
اسان جو سوچون، دلين پُڪارون.

سدا زماني، لڳايا پهرا،
ڪجن انهيءَ تي کهڙيون ميارون.

هوا مخالف! هتان هلي وڃ،
ڇڏي چمن ۾ باقي بهارون.

ٻ ڪيڏا سرمد چاڙهيندي سوريءَ،
تو کان نہ گهٽبيون، لمبيون قطارون.

اڙي زمانا! سَنيون نہ تو کان،
اسان جون خوشيون، کلون کينڪارون.

”نفيس“ جو هي نصيب آ جو
صنم سنديون، هن نرم نهارون.

*

بهار جو ڏس عجب زمانو، گُلاب ۾ ڪا سُرهاڻ ڪانهي،
ڪَليون بہ آهن سيئي ڪوماڻيل، اڱوڻي تن ۾ لالاڻ ڪانهي.

سي راتيون رهزن لڳن ٿيون ساڳيون، جنين ۾ جهرمٽ تارن سندي هُئي،
جَوان چَنڊ جي ڏسو حقيقتَ، رهي منجهس ڪا چانڊاڻ ڪانهي.

اوهين بہ ساڳيا، اسين بہ ساڳيا، ۽ وقت ساڳيو هلي چلي پيو،
مَري چُڪا هِن احساس پنهنجا، ڪنهن کي بہ ڪنهن جي ڪا ڪاڻ ڪانهي.

ڪي گُل ڇِڻيا، ڪي گُل پَٽيا، ۽ مالهي آهي اڃا بہ غافل،
سلا بہ سارا ويا لَتاڙي، مگر اُنهيءَ کي ڪا ڄاڻ ڪانهي.

اهو پاسيرو لنگهي ويو ماڻهو، لڳي ٿو سُهڻو اسان جو آهي،
ڏسو ڪٿي مان پليو تہ ناهيان، ڏسو انهيءَ کي هو پاڻ ڪانهي.

"نفيس" سُڏڪا سجي حياتي، ۽ سينا پنهنجا هميشہ ڪربل،
لڳي ٿو بستي يزيد جي آ، هتي حُسيني اهڃاڻ ڪانهي.

*

نہ تون ٿي مڃين، نہ دل ٿي مڃي،
پوءِ پيلا ڇا ڪجي، ڇئو پيلا ڇا ڪجي.

هڪ تہ تنهنجو شباب ، پيو سامهون آ شراب
عادتي دل اٿم، هرڪجيو هرڪجي.

نہ تو هَٿ ڇڏيو، نہ دل هٿ ڪنيو،
زندگي ظلم ۾، ٿي لُڇي ۽ پڇي.

آءُ عادتي نہ آن، غَمَ هُن جا لاهڻ،
مئہ ڪشو بس هلو مئڪدي مئڪدي.

ڪير ڪيسين پيلا ، ويهي واري مٿي،
نالا تنهنجا صنم، پيو ڏاهي لکي.

”نفيس“ تيسين تڙپ، جيسين سُهڻو چوي،
سُونهن ساري سندم، يار تنهنجي بِلي.

*

محفل ۾ تنهنجو اچڻ ايئن لڳو هو،
مُشتريءَ تي چڙ منا جيئن ڏماڪو ٿيو.

هو رهزن بہ چپ هو ۽ رهبر بہ چپ هو،
ٿيندو ايئن بہ آهي، ڪنهن کي ڇا پتو هو.

جڏهن تنهنجي مُرڪن مهڪون ڦهلايون،
تڏهن حوصلو بس، محفل جو وڏيو هو.

ڪنن ۾ هُئي سُس پُس ، نظر هُئي اوهان ۾،
سڄڻ سُونهن تهنجيءَ اثر ايئن ڪيو هو.

سڄو حال في الحال بي حال ٿي ويو،
تنهنجي نينهن نهوڙي ڪيو بي بلو هو.

”نفيس“ تنهنجي نيڻن حياتي عطا ڪئي،
تون ڪان اڳ اسان جي حياتي ڏچو هو.

*

اوهان جون اکيون، منيون باداميون، اسين سڄا ئي صحرا ستايل،
پـــرين پيـــالا، لڪايـــو ڇو ٿـــا، اسين الاڙي ڏاڍا اڃـــايل

اسان جون کهڙيون حُجون اوهان تي، اوهين تہ ازخود آقا اسان جا،
اوهانکي پارت پرين اسان جي، اسين تہ تنهنجي گهورن جا گهايل.

ڏکـــن جي لولـــي ملـي آ شايـد، امـــڙ جـــي هنـــج ۾ ٻـڌي اٿم جا،
روز اول کان سک کو نہ سنڀرون، دليون اسان جون ڏاڍيون ڏکايل.

غـــريب آهيـــون گنـــدا نہ آهيـــون، اســـان کـــان ايـــڏو نٽايو ڇو ٿا،
اوهـــان جـــي در تـــي تـــڏهن آيـــاسون، ٻـــڌوسون آهيون تنهنجا گهرايل.

اوهـــان ســـان اهـــڙي، اڙي آ دلـــڙي، جـــو زنـــدگيءَ ۾ قرار ڪانهي،
”نـفيـــس“ تنهنجـــا نگـــاهہ تـــان صدقـــي لڳن پيا ماڻهو سيئي مڄايل.

*

تنهنجا سَڏَ سائين، اذانِ فَجر جيئن،
تو کان منهن مٽائڻ، سراسر ڪفر جيئن.

ڪيڏا ميٺ ماڻهن جا، موهي وڏا ٿئي،
سنڌءِ سونهن سُهڻا، سراپا سحر جيئن.

جڏهن تنهنجون ديدون دنيا کان هَٽن پو،
پلي پوءِ ملجو، ناهيون بي صبر جيئن.

اگر جي اجازت، عقل ڏي اچڻ جي،
هليو يار اچجانءِ، هر ڪنهن پهر جيئن.

۽ تنهنجي اچڻ جي، ڏني پَڪَ هَوا آ،
اُتي مَهڪ ڪيڏي گُلابي عطر جيئن.

تنهنجي سونهن کي سجدا ڪندا ئي رهياسين،
تنهنجا پير پيارا، محراب ۽ ممبَر جيئن.

”نفيس“ تنهنجي نيڻن جي بخشش ڇا ڀانئيان،
متي مَن ۾ ماندڙ، ڪاري اکر جيئن.

*

دنيا جا سُخنور، ڏٺا سين، ٻڌا سين،
اوهانجي ته ڳالهين سندي ڳالهه ٻي آ.

گُلابن جون ڪليون، ڏسي جنهن کي جهومن،
بهارن اوهان ۾ ڏٺي ڳالهه ٻي آ.

هوائون، گهٽائون، قربان تو تان،
۽ بجيلن اوهان ۾، رتي ڳالهه ٻي آ.

بنان مُلهه ناٽي جي، نوڪر تنهنجا هون،
اسان پنهنجي دل ۾، رکي ڳالهه ٻي آ.

هي يونئرن، پنيورين ۽ تتلين جا پهرا،
لڳي تو انهن کا، چڪي ڳالهه ٻي آ.

اها تنهنجي نيٽن سندي آ نوازش،
”نفيس“ دل اسانجي، لُٽي ڳالهه ٻي آ.

*

جفائون اڳيئي، ستمگر ۾ مُجرم،
اسان کي تہ تنھنجي، وفائن رُلايو.

انھي ڏينھن تَتي کان شڪايت نہ مون کي،
اسان کي تہ ٿڌڙي، ھوائن رُلايو.

۾ خارن جي شڪوه، ھر ڪو ڪري ٿو،
.مگر يار مونکي گُلابن رُلايو

شبابن، شرابن، بگاڙيو نہ منھنجو،
اسان ھار ڪاڏي، نگاھن رُلايو.

اڙي جلوه گر! رحم ڪر، رحم ڪر،
مچان ڪيئن تہ، مونکي پراون رُلايو.

اوھان جي اُماڻيا ، ٻڏي ٿِيس حيران،
تنھنجي يار نِياپن، نِرالن رُلايو.

گناھن نہ مون کي، دوزخ عطا ڪئي،
اسان کي سراسر، ثوابن رُلايو.

”نفيس“ نيڻ پنھنجا پياسا رھجي ويا،
ڪُنڊ ڪُنڊ تي قائم، ڪربَلائن رُلايو.

*

هوا سُٽايا قصا اوهان جا،
گُلاب ٻڌيا، حصا اوهان جا.

ءِ پوپَٽن کي پرور پئي پوءِ،
تنهين پُڇايا، پتا اوهان جا.

ءِ پنهنجي نيٽن سندي عطا ڏس،
لٿا نہ ڪنهن کي نشا اوهان جا.

گهٽائون رقصان رهيون سراسر،
زُلف سهٽا چِلا اوهان جا.

قسم اوهان جي گُل بوءَ بدن جو،
پڙهي ٿي ڪلما، فضا اوهان جا.

”نفيس“ جهڙا لکين او لالڻ،
نوڪر پرين هن پڪا اوهان جا.

*

نہ ڇاٽي نہ ڇاٽي جيڪو پيار ماڻهو،
اُهو ناهي بالغ، آهي ٻار ماڻهو.

ٻُبر ٻير ڏيندو، اهو ناهي ممڪن،
اُميدون اجهايون، هي بيڪار ماڻهو.

گلين جي حفاظت، ڪندا ئي ڪندا هن،
ڏسي وٺ، ڏسي وٺ، ٿورو نهار ماڻهو.

آهي چار ڏينهڙا منا هيءَ چانڊوڪي،
اڳيان خوب آهي، انڌڪار ماڻهو.

ڪجو ڪينَ دل ۾، جيڪو چيوسين،
اسين يار آهيون گنهگار ماڻهو.

جنهن جي ڏسڻ سان ٺرن روز اکيون،
”نفيس“ ڪٿ رهيا هِن سي منٺار ماڻهو.

*

ادائن تان قربان، نگاھن تان صدقي،
اوھان کي ڇُھن تن، ھوائن تان صدقي.

اسين تنھنجون لوڏون پري کان سُڃاڻون،
نوان تو ڪيا تن، نقابن تان صدقي.

۽ بھارن اوھان کان ئي خوشبوءَ پِني آ،
تنھنجي گُل بدن ۽ سينگارن تان صدقي.

ھو شرمائي شرمائي ھليون ويون گھٽائون،
تنھنجي منھن مُبارڪ ۽ وارن تان صدقي.

ٿئي تنھنجي سامھون سي ڪنھن ۾ ڪٿا ھَن،
سندئي اک اُڏارن، اشارن تان صدقي.

ڪري منٿ ميڙون مڃايو "نفيس"،
نٿو جي ڇڏي تن حجابن تان صدقي.

*

هَلڻ هُن جو اھڙو ببر شينهن جهڙو
ڀلا ڪو بچي ڪيئن، حُسن جي جهنگل ۾.

اسان ڪي وساري، زمانو ٽِيَس پَر،
اسين اڄ بہ آهيون سندس ئي شغل ۾.

ٻڏايوس ڪهڙو تہ ملندس وظيفو
رکيل چاهي يارو، منهنجي قتل ۾.

ڪٽون پير پُنتي اهو ڪم ڪائرن،
پڪا پير پنهنجا، ارادي اٽل ۾.

اوهان جيڪي اُڇلي هوا ۾ ڇڏياسي،
لڳا تير دلبر سڌا منهنجي دل ۾.

*

اوهان جي ارڏي، ادا تي ماري،
نگاهہ خماريل جُدا تي ماري

ڪرڻ عنايت هُو وينو وساري،
لبن جي لرزش صفا تي ماري

وجي انهيءَ کي ڪوئي ٻڌائي،
گهٽيءَ سندس جي گهٽا تي ماري

تنهنجي بدن کي ، ڇُهي جا تي گُذري،
اُها معطر، هَوا تي ماري

سدا رهيا هون وفا جا حامي،
تڏهن اوهان جي دغا تي ماري

اسين هتي ها، ڇا لاءِ ڦرون ٿا،
دنيا جي آڏي، پُڇا تي ماري

ڪڏهن ڪڏهن ايئن لڳي ٿو اڪثر،
”نفيس“ کي ڪا، دعا تي ماري

*

نقابن کان توبہ، حجابن کان توبہ،
اوهان جي عقابي، نگاهن کان توبہ.

گُلابن کي ڇُهڻ جي، ڪوشش ڪئي سون،
لڳي هٿ ڳنڍا ويا، گُلابن کان توبہ.

اُميدن تي قائم دنيا آهي ليڪن،
تنهنجي دل فريبي، دلاسن کان توبہ.

ڏيندين زهر قاتل پرين پي ويندا سين،
مگر شام واري، شرابن کان توبہ.

قسم آهي تنهنجي گُل بوءَ بدن جو،
اوهانجي گهٽيءَ جي هوائن کان توبہ.

اسان تي سدا تو نڇاور ڪيون جي،
”نفيس“ هاڻ اهڙين عطائن کان توبہ.

*

اوهان کي آهي جفا جي ڳولا،
اسان کي آهي وفا جي ڳولا.

اسان تي ٻارڻ ٻاري نہ سگهندا،
اسين سڃا ئي شعلا ئي شعلا.

ڪيڏي زماني تنگي ڪئي پَر،
دل کي تانگهون تڏهن بہ تو لا.

اسين ڪڏهن نہ هٽياسين پٺتي،
لڳيون هزارين لُڪون ۽ جهولا.

تنهنجو حڪم ٿئي دسي وجهون سڀ،
وحشي صفت بگهڙ ۽ ڀولا.

اسان جا سينا هميشہ تاڻيل،
هلائي ڏسجو گوليون ۽ گولا.

”نفيس“ ڪنهن سان گلا ڪجي ڪيئن،
پنهنجا ڀاڳَ بہ تہ آهن وچولا.

*

جذبا جوان ٿي ويا،
ڏاڍا نادان ٿي ويا،

تنهنجي گهٽيءَ ۾پهچي،
بلڪل بي ايمان ٿي ويا.

تو کي ڏٺو جنهن پي،
سي سڀ مهمان ٿي ويا.

تنهنجي اکين جا گهايل،
طلبِ ڏيان ٿي ويا.

تو تي لکيا مون جيڪي،
پختا ديوان ٿي ويا.

خانہ بدوش روح پي،
تون وٽ مهمان ٿي ويا.

مقتل بڻيون مسيتون،
ماڻهو شيطان ٿي ويا.

جهڙو هُجي ”نفيس“،
ماڻهو حيران ٿي ويا.

*

هر طرف هيڏو حشر، ملڪ ميدان ڪربلا،
ٿي روئي سيڪا نظر، ملڪ ميدان ڪربلا.

رهزنن جي راڄ ۾ مڙس ٿي جيئڻو پيو،
چو تہ سامهون آهي شِر، ملڪ ميدان ڪربلا.

ٿو پلر پالوتجي، هُن تہ پاپيءَ پٽ مٿي،
هُو ٿڪو آ نهاري ٿر، ملڪ ميدان ڪربلا.

ظالمن ڪي محل ماڙيون ۽ ضعيفن ڪي زنجير،
زندگي ڄڻ ڪو ٿوهر، ملڪ ميدان ڪربلا.

آزمائشن منجه جوانيون، ويون سڄيون ماروئن سنديون،
پيا تہ پيريءَ منجهہ نيئر، ملڪ ميدان ڪربلا.

وحشتن جي وار ڪان،ويل ۾ آهي وجود
ڄڻ ڪو جانڊهہ جو چڪر، ملڪ ميدان ڪربلا

”نفيس“ نوڙت سان جيئون، پر ڪيترو هر دور ۾،
صبر تي ڏس آ جبر، ملڪ ميدان ڪربلا.

*

هي قلم جيڪو لکي دل ۾ نہ ڳچ،
ڏاريون لکي پنهنجو لکي دل ۾ نہ ڳچ.

مون اجان سوچيو بہ ناهي ڇا لکان؟
پَر قَلم پيو ٿو لکي دل ۾ نہ ڳچ.

آ سَهڻ سچ کي ٻُڌڻ ڇا ڳالهہ خوب!
پَر اڇي سَچ ڪو لکي دل ۾ نہ ڳچ.

تون قَصيدا ٿو لِکين، بس رڳو ڪنهن شان ۾،
پوءِ پلا پيو ڇو لکي دل ۾ نہ ڳچ.

ٿُو سُهڻيون سوچون سيئي وڪڻي ڇڏيون،
توکي ڪو کوٽو لکي دل ۾ نہ ڳچ.

تون چڙهيل پاسي پڄين ٿو توکي ڪو،
نار جو لوٽو لکي دل ۾ نہ ڳچ.

جوڙ ناتو نيهن جو ڌرتيءَ سان جوڙ
جيئن ”نفيس“ هوڪو لکي دل ۾ نہ ڳچ.

*

ھي تہ ڳالھيون سڀ پُراڻيون، انقلابي ڳالھ ڪَر،
ڇڏ عذابي ۽ ثوابي، ڪا نرالي ڳالھ ڪَر.

جو نہ بکيا پيٽ پاري ۽ ڍڪي ڪي انگ ننگا،
ڊوڙ پائي تنھن ڏرم، ڪي مچ مثالي ڳالھ ڪَر.

اَڄ پيئون مسجد ۾ اچ، يا ڏَس تہ مولا ڪٿ نہ آ،
واعظ! ڇڏ ورد پنھنجا، اچ شرابي ڳالھ ڪَر.

پنھنجي ڌرتي تي لَڳي، اچ فلسطيني زمين،
.تون بہ ٿي زرقا ۽ ليليٰ، ڪا ڪمالي ڳالھ ڪَر

ڇڏ خيالن جي خُدائي، ڇڏ نفاست اي ”نفيس“،
جاڳ ڏي جذبات کي اچ ، جلالي ڳالھ ڪَر.

*

محبت جي غذا ڏيئي، جنهن خوب نپايو،
تنهن ماڻهوءَ سندا هاڻي، پاڇا به وڙهن ٿا.

هت سير سوا سير جي ڪا ڳالهه ناهي پر،
رُخ يارَ ڦيرايو ته ماسا به وڙهن ٿا.

اسان جن کي پنهنجي در تان هر روز ڌڪاريو،
سي ماڻهو اسان سان، ڇا ڇا به وڙهن ٿا.

سو وقت معراجي، اڄئي ياد الائي نه!؟
مون کي ياد اچي ٿو ته دلاسا به وڙهن ٿا.

”نفيس“ جن کي ڏسڻ سان، ٿڪا نيڻَ نه ڪڏهن،
افسوس اُهي ماڻهو خاصا به وڙهن ٿا.

*

گهٽيءَ گهٽيءَ ۾ گلاب پٽيون، وڇائي ڇڏيم اوهين نہ آيا،
وِهاڻيءَ تائين سموريون بتيون، جلائي ڇڏيم اوهين نہ آيا.

ذڪر اوهان جو فڪر اوهان جو اسان تي اهڙو سحر اوهان جو،
هجر ۾ تنهنجي سپئي متيون ، وڃائي ڇڏيم اوهين نہ آيا.

خوني هٿن سان، کسڻ محبت، اسان کان آيو اسان جي دل مان،
تڏهن بہ تو لاءِ ماسا ۽ رتيون ، لڪائي ڇڏيم اوهين نہ آيا.

کلندي، کلندي، ماڻهن سان ملندي ٿڪاسين ڪڏهن نہ زندگيءَ ۾،
اوهان ڪانپوءِ اڳوڻيون گهتيون ، مٽائي ڇڏيم اوهين نہ آيا.

ماڻهن جا مجموعا مِلن ٿا مُرڪي، عيدون اُنهن جي اَڱڻ تي آيون،
ها ميرا لَتڙا، تنين ۾ ڇَتيون ، لَڳائي ڇَڏيم اوهين نہ آيا.

”نفيس“ سان مل، ”نفيس“ نِرمَل ”نفيس“ نوڙت ڪئي آ ڪيڏي،
ڪري محبت حصا ۽ پٽيون، بچائي ڇَڏيم اوهين نہ آيا.

*

سنڌ ٻه ساڳي سچ ٻه ساڳيو،
سُهڻا ساٿي، ٿَڄ ٻه ساڳيو.

ڪِري پَوندو ڪوٽ ڪَلَر جو،
رهندو سَچ تہ نِڄ ٻه ساڳيو.

ٿي وِڄ ساڳيو دودو جهوڏو،
هوشوءَ جهڙو هُڄ ٻه ساڳيو.

تو ڪي ڌرتيءَ جنم ڏِنو آ،
تنهن لاءِ راڻا رِهج ٻه ساڳيو.

ورَق ورَق ٿئي تنهنجو شاهد،
ڪم ڪو اهڙو ڪِج ٻه ساڳيو.

”نفيس“ پنهنجو پاڻ پڄائي،
پوک پيارا ٻِج ٻه ساڳيو.

*

ڪيئي ناهه ٺَڳن سان، ٺڳن ئي ٺَڳيو ٿئي،
اسان کي اُنهن سان، ڀلا ڇو گڏيو ٿئي.

لاکيٽي پُٽن جي لهوءَ جا جي پياسا،
بيهاري پنهنجي ۾ انهن کي اڏيو ٿئي.

صفا جهُور پوڙهو، آ بابو اسان جو،
ڇو ڏاڙيل تنهن کي، سڏيو ٿئي سڏيو ٿئي.

ضمير مرندئي ڪڏهن ڪونه سوچيم،
انهن ئي اعمالن اباڻن ڏڏيو ٿئي.

اسان سان اوهان جي عظمت وڏي هُئي،
اسان کي ڇڏيو تو، اسان ڀِڻ ڇڏيو ٿئي.

اسين سڀ موچارا ۽ ضمير وارا،
اسان جهان پنهنجو نئون اڄ اڏيو ٿئي.

ها نوڙت ڪجي ڀَرَ، نادان سان ڪيئن،
”نفيس“ هڪ نٿو چئي، زماني نِنديو ٿئي.

*

دشمن قوتون، متحد آهن
غندا گرديون بيحد آهن.

مُهاندا ساڳيا، پائرن جهڙا،
پر ڪي دليون، گهٽ وڏ آهن.

جن بيڪارين بيک پِني ٿي،
تن جون ماڙيون هَر هنڌ آهن.

ڪُڙم پنهنجي ۾ ڪيڏا ڪائر،
سچ جون ساکون سپ بند آهن.

سچ اُنهن ڪي زهر لڳي ٿو،
ڪوڙيون ڳالهيون گلقند آهن.

”نفيس“ نالو روشن رهندئي،
ڪيڏا ماڻهو شاهد آهن.

*

ٽُنهنجي ظلمن ڪنان، هُو آ ڏاڙيل ٿيو،
آئون سُڃاڻان توکي، تون آن ڇمڇو ڇغل.

منهنجا ڏيهي ڪُهي، ڇيڪ ڏيئين ٿو ڏهون،
اڙي او! هتي جا وڏا، هي اسان جو نہ مُلھہ.

۽ جڏهن پيي وريو، وقت ويڙهاند جو،
ڇو ڏڄي وئين پڇي، هت مچائي ڪو هُل.

گهر لُٽجي وِيَس، تڏهن پاڳل بنيو،
ڪاش! ڪو هڪ چوي، اي ادا ايئن نہ رُل.

موت جي کوھہ مٿي، جيئن ڪدڙو نَچي،
اي منهنجا مِٺا تون هتي ايئن نہ هَل.

قوم پنهجيءَ سندو، توکي قاتَل چوان،
تنهنجي سامهون ٿيا، سڀ سوڍا قتَل.

ڪوڙڪيون کي رکو، هو مِرو پيو اچي،
نيٺ ڦسندو هتي، ڇورا پورا نہ پُل.

ناتو پنهنجو "نفيس"، آهي ڌرتيءَ سان پوءِ،
تون ڪيڏانهن ٿو وڃين، منجھہ ڇپرين نہ ڇُل.

*

جُڳن کانپوءِ جوءَ منهنجي ۾ جاني جهوڏو جوان مليو،
دردن جو هن ديس منهنجي کي، دارون ۽ درمان مليو.

سچ سُڄاڻ وارو ساٿي، سامهون آيو سينو سهائي،
ڏاڍ کي ڏارڻ ڏينهن اڄوکي، دولهه درياءَ خان مليو.

ڌرتي! ٽُنهنجا درد دفع ٿيا، پَڌ يلي اِن پُٽ مَٿي،
پُٽ پيارو پَٽَ مُنهنجي کي، ڏاهو ڏس انسان مليو.

مُلڪ منهنجي مان موذي مارڻ، موٽي آيو مُڙس مٿير،
جوءَ منهنجي جا جهانگهي جاڳو جيئري ئي جڳ جهان مليو.

من ۾ جنهن جي مورت رکندي، سيوا ڪئي سُون سال سوين،
جَلوا اُن جا جاءَ بجاءَ ڏِس جهڙو جيون دان مليو.

پٿڪي پٿڪي پلجي وياسين، بستيءَ جو ڪو ڏس نه هو پر،
”نفيس“ نرمل نڪري آيو، واهه! منزل جو نشان مليو.

*

هن بگهڙن واري بستيءَ ۾، ڪو باغي بابو ڀاءَ اچي،
تان سنڌ امڙ جي سيني تي، نہ اهڙو گهرو گهاءَ اچي.

سِر وَڏَڻ ۽ سِر ڏِيڻ جا، سودا جيڪو سوڍو جاڻي،
سو ڀڪاري ڀل ڀيجل جيئن، يا ڏياچ جهڙو راءَ اچي.

انڌرا، بندرا، ڀاگهل ڀائي، ليليٰ ڪلثوم جهڙي ڏيءَ،
ڀل اچي هن ڀونءَ منهنجيءَ ۾، ڀيڻ سياڻي ماءَ اچي.

هن قوم جي قهري قاتل لا، ها، ڪات اڏي ۽ مقتل لا،
ڀاڳ انهيءَ ڪي ڀاهڻ خاطر، ڀاڳي ڀٽ جي لاءِ اچي.

ڪو دودو ٿئي، ڪو دولهہ ٿئي، ڪو جوان اسان مان جوڌو ٿئي،
يلغار ٿئي، للڪار ٿئي، تان پاپيءَ پُٺَ پڇتاءَ اچي.

جو چٽگ چوڌاري ڀارڻ جاڻي، ۽ غافل قوم اٿارڻ جاڻي،
”نفيس“ نادان مارڻ جاڻي، دوست اهڙو داناءَ اچي.

*

اسان جا جذبا جوان جذبا، اوهان جون سوچون صفا ڪي پوڙهيون،
اسان جا سينا شفاف رستا، اوهان جو دليون گهٽيون ڪي سوڙهيون.

هَوا بہ ڏاڍي گُهلي آ اوکي، ڇَون ٽا طوفان وڏو اچي پيو،
اچو تہ اُن لاءِ ديوار بنجي خراب رُخ کي پراهون موڙيون.

سمان بہ اهڙو وريو آ ويري جو سَپُ سونگهي ويو آ ماڻهو،
اچو تہ گڏجي گهٽيءِ گهٽيءَ ۾ ،پيار پوکي جنون ٽوڙيون.

جنين بہ ڇاتيون، بنايون ڪربل، اچو تہ اهڙا يزيد ڳولهي،
يزيد اهڙا مزيد ڳولهي، تنين جا ٻيڙا هٿن سان ٻوڙيون.

جتي حياتي، هُجي ڪو مقصد، جتي جيئڻ ۾ مزو ئي ٻيو آهي،
اُتي هلوڙي ”نفيس“ نينهن جا، پڪا پيارا نوان ڪي کوڙيون.

*

هي پتيون گُلاب جون، يا لبڙا هِن جناب جا،
هي تر اٿئي بدن مٿي يا حرف ڪنهن ڪتاب جا.

هي روشنيون آيون ڪٿان، جو شهر سارو پيو ٻري،
هي بلب بي حساب هِن، يا جَلوه ٿئي شباب جا.

ڏس جهوم جهوم جهوم آ، ۽ جهومَ جي ٻہ ڏوم آ،
آ نشو تنهنجي نيڻن سندو، يا پيگ ڪي شراب جا.

هي پڏريون ئي پڏريون، تجليون توهان سنديون،
تڏهن تہ اڄ ڏکي پيو، ڏسو تہ ڪم نقاب جا.

هي اکڙيون هن اوهان سنديون، يا لوڪ ڪي ڳجهارتون،
تڏهن تہ آهيون منتظر، جواب لاجواب جا.

ٽُٽي پون، ڪُٽي پون، ”نفيس“ مَنَ هٽي پَون،
پهرا هن سماج جا، ۽ بند تنهن حجاب جا.

*

اسان فرض واجب، سمجهي ادا ڪيو،
دنيا جي نگاهن، طوفان بپا ڪيو.

اسين آهيون هيراڪ، هُن جي گهٽيءَ جا،
ٻئي پاسي نہ منهنجي، پيارا پڇا ڪيو.

۽ ڪيڏيون اُميدون رکي، هُن ۾ نهاريون،
پنهنجو مُنهن ڦيرائي، مٺا توهي ڇا ڪيو.

وَري حال منهنجو، پڇڻ وارا سائين،
اهو درد هڪڙو، اوهان ئي عطا ڪيو.

۽ پنهنجي زبان جو، پرم رکڻ خاطر،
خدارا ڪڏهن ڪو تہ، واعدو وفا ڪيو.

*

روز ڄيرا ٻرن اوهان جي شهر ۾،
ڳوپ ڳيرا ڪرن، اوهان جي شهر ۾.

وڏي ڳالهه ڪرڻ وارن ماڻهن سندا پڙ،
پيا پير ٽڙن، اوهان جي شهر ۾.

اوهان جون ئي ڳالهيون، اوهان سان ڪجن پر،
نٽا چپ چُرن، اوهان جي شهر ۾.

هتي روز اڏيون ۽ ڪاتيون اُپيون هن،
سي تہ سسيون گهرن، اوهان جي شهر ۾.

جي نظرِ ڪَرم ”نفيس“ تهنجي ٿي پَئي،
پوءِ تہ ٻيڙا تَرن، اوهان جي شهر ۾.

*

هر پاسي هوڪا، تنهنجي حسن جا،
پيرين تي ڏونڪا، تنهنجي حسن جا.

اُتي ئي اُيا هِن، جِتِ تو بيهاريا،
عاشق تڏهوڪا، تنهنجي حسن جا.

تنهنجي رمزَ راڻل، آ سمجهڻ کان ٻاهر،
ڪيڏا روپ انوکا، تنهنجي حسن جا.

اُهي اڄ ٻہ پنهنجي وس ۾ نہ آهن،
مليا جن کي دوکا، تنهنجي حسن جا.

”نفيس“ جون نگاهون ، اُهي گَس نهارين،
جتي پير پروڪا، تنهنجي حسن جا.

*

چوٽيءَ جي چمڪار تي، هڪ با وِضو بيهي رهيو.
جلواهِ رُخسار تي، هڪ با وِضو بيهي رهيو.

۽ دل لڳيءَ جو هي به هڪ انداز هو.
ڇير جي ڇمڪار تي، هڪ با وِضو بيهي رهيو.

مسجد جي گس مان، نڪتو گس مئخاني ڏانهن،
دل جي ڪنهن اسرار تي ، هڪ با وِضو بيهي رهيو.

محو گفتگو هوءَ هئي سهيليءَ سان پَرَ،
گفتار ۽ رفتار تي، هڪ با وِضو بيهي رهيو.

۽ ٽهڪ سان گڏ مهڪ، وئي گُهلي ماحول ۾،
پر ڪشش هٻڪار تي، هڪ با وِضو بيهي رهيو.

پيئندا رهو جيئندا رهو ساقيءَ چيو،
”نفيس“ ان اظهار تي، هڪ با وِضو بيهي رهيو.

*

چير جي چمڪار ٿَئي، ته لوڪ جاڳي پيو،
سامهون سهڻي سرڪار ٿئي، ته لوڪ جاڳي پيو.

ءِ هُن جي مرڪڻ سان جڏهن ماحول ۾،
هيتري هبڪار ٿئي، ته لوڪ جاڳي پيو.

لڙڪڙائيندي جڏهن پهتا هِتي،
ساقيءَ سندي انڪار ٿئي، ته لوڪ جاڳي پيو.

ءِ اشارن کي نڪو سمجهي سگهيس،
پر جڏهن چچڪار ٿئي ، ته لوڪ جاڳي پيو.

مون چَپن تي هڪ چُميءَ جو سوال ڪيو،
هُن ڪنان هاڪار ٿئي، ته لوڪ جاڳي پيو.

ڪجهه ”نفيس“ پنهنجي نصيبن کي ٻه ڏس،
مس وجي مانار ٿئي، ته لوڪ جاڳي پيو.

*

پٽڙ ڪنهن بہ دشمن جو ماري نہ سگهيو
گُلابن سان ماري هليو ويو ڪو سُهڻو.

۽ دوزخ دنيا جيءَ، ڪجھہ نہ بگاڙيو
جَلون سان ڳاري، هليو ويو ڪو سُهڻو.

ارادن کي اُنهيءَ جي سمجهي نہ سگهيس،
ٽورو بيهي ، نهاري هليو ويو ڪو سُهڻو.

۽ رخسار تي، تن وارن جو چُميون،
هٿ سان سنواري، هليو ويو ڪو سُهڻو.

هٿڙن تي هن جي مهنديءَ جا زيورَ
ڏيکاري اُلاري، هليو ويو ڪو سُهڻو.

اُلجهن ۾ آهيون، اڄ پڻ ”نفيس“!
بزم ۾ بيهاري هليو ويو ڪو سُهڻو.

*

اسين نيهن ناتو نڀائي سگهون ٿا،
انهيءَ ابتدا کي پڄائي سگهون ٿا.

زاهد ! اسان جو نہ ڪم مسجدن سان،
صرف سر سجدي در نوائي سگهون ٿا.

ستارو! اسان جو آهي يار جي وَس،
ريجهي تہ قسمت بنائي سگهون ٿا.

رکي سِر اَڏيءَ تي، لڳائي سون بازي،
اڄ بہ پنهنجي هستي وڃائي سگهون ٿا.

اسان جو سَفر، اڃان آهي جاري،
پنهنجو پاڻ ڪنهن جاءِ پڄائي سگهون ٿا.

ستمگر زمانو ڀلي پيو ستائي،
اسين پڻ انهيءَ کي ستائي سگهون ٿا.

بظاهر "نفيس" رهيو ڪجھ نہ آ،
مگر اڄ بہ ڪافي لُٽائي سگهون ٿا.

*

چڏ مونکي مِنا، ڏس پاڻ پرين،
مونکي پنهنجو صنم، تون ڄاڻ پرين.

ڪري رنج ڦٽو، اڄ پيار سپون،
ڪيون نفرت جي ڇنڊ ڇاڻ پرين.

تنهنجا درد ڏنل منهنجي سيني ڪُتل،
تو ڪي ڪهڙي ڪل، رک ڄاڻ پرين.

رنگ زرد ٿيم، اکيون آليون سندم،
ڏيو مونکي شفا، سگهو هاڻ پرين.

”نفيس“ تولاءَ ڪَڙو، لال هاڻ لڙو،
هن مند مڙو، مون وٽاڻ پرين.

*

ڦٽن تي ڦٽڙا، ڦِٽن ڦُٽن پيا، دوا ۽ دارون ملڻ ئي مشڪل،
طبيب تنهنجون تانگون، ۽ طلبون سواءِ تهنجي بچڻ ئي مشڪل.

تو ۾ اسانجون آسون اُميدون، ۽ تنهنجو اڄ پيي اچڻ ئي مشڪل،
ڪڏهن تہ ڏاڍو ڪليو ڪڏيو هئين، اڄ الائي ڇو ڏسڻ ئي مشڪل.

لهرون ۽ لوڏا پُنا پاڻيءَ جا، هميشہ هيبت هُجڻ ئي مشڪل،
جگر ۾ منهنجي جاءِ ڪٿان هي، باقي ڪا حسرت پڄڻ ئي مشڪل.

اجهو هو نڪتو وهائو تارو، انڌير تنهنجو اُسڻ ئي مشڪل،
”نفيس“ نوڙت ڪئي آ ڪيڏي، ٿيئڙا نيڻ نِچڻ ئي مشڪل.

*

هنيا اٿئي هزارين، تکا تير ڪيڏا،
ڪُنا اٿئي قداور، ميان مير ڪيڏا.

سُرما ۾ سينڏون سنواري اچين ٿو،
سورهيہ تہ سوگھا ۾ سُڏير ڪيڏا.

متو ڪيئن نہ هوندو، ممڻ منزلن تي،
راهن تي روڪيا، هو راهگير ڪيڏا.

حُسن هر گھڙيءَ تي سِر آهي گھرندو،

لکي ڇا لکان مان، هو نظير ڪيڏا.

”نفيس“ نرم دلڙي ڪرڻ ڪار ناهي،
ڇُري چنگ جي تہ، ٻون چير ڪيڏا.

*

اسين روئون ٿا، کِلن ٿا ماڻهو،
الائي ڇا ڇا، چون ٿا ماڻهو.

اسين زماني جي ٺهڪن تي،
ڪلياسين ڀلجي، جلن ٿا ماڻهو.

وجود آتش اندر جليو آ،
خوشيون ملهايو، ملن ٿا ماڻهو.

هي ڏيهہ ڏاڍو آهي ڏکارو،
ماڻهن کي ماڻهو ڪُهن ٿا ماڻهو.

اَندر ۾ ڇاهي، خبر ئي ناهي،
ڪيڏا ڪسارا لڳن ٿا ماڻهو.

”نفيس“ ڀهرا اسان تي ڇا لاءِ؟،
جڏهن تہ ٻيا سڀ گهمن ٿا ماڻهو.

*

اسين دل لڳايون، لڳايون تہ ڪنهن سان،
ڪيل قول اهڙا، نڀايون تہ ڪنهن سان.

ڪٿيل هن زبانون، اسانجون او ساٿي!
پنهنجا ٻول ٻاتا، ٻڌايون تہ ڪنهن سان.

قسمت ڪي يارو ٻُرو ڪونہ چئبو،
مگر روح پنهنجو ريجهايون تہ ڪنهن سان.

هڻيو حق جا نعرا، هلون پيا ليڪن،
پنهنجو فرض هي پوءِ، پڄايون تہ ڪنهن سان.

”نفيس“ جون نگاهون بندن ۾ سراسر،
ها گونگا اشارا، ملايون تہ ڪنهن سان.

*

واعدو وفا جو آيو ياد آيو،
جُدا تون نہ آهين، جُدا مونکان سايو.

ڏوهي تون بہ ناهين، ڏوهي مان بہ ناهيان،
مگر سوال هڪڙو، تو ڇا کان پلايو.

اِها زندگي آ، يا سِڪو مَٽا جو،
اسان پنهنجي ڪيفيت کي هر پل مٽايو.

اُهي پٻ پيرا، جنهن پَلَ ڏسان ٿو،
کيان خوب سجدا، ٿو گردن جهڪايو.

اُهو کهڙو جيون جو جيئندا رهون پيا،
جُدا تو کان جانان! آ جيئڻ اجايو.

”نفيس“ تنهنجي نيڻن سندي ڇا عطا چئون،
سڏي ڳالهہ آهي انهن آ ستايو.

*

ڪاڪ، ڪوڪون ڪري، رات ساري رڙي،
سوڍو شالَ سُٺي من چانگي چڙهي.

رَس رِهاڻيون هيون قُرب ڪهاڻيون هيون،
سيئي ڪنواريون رُنيون، ماريون دردن دڙي.

ڪس لاهي قلب، ٻڌ منهنجا سبب،
گهوٽ ايڏا غضب، ڪير ڪنهن سان ڪري.

لڄ منهنجي رکي، وڃ هي پاڙا پُڇي،
ڏيل سارو ڏُکي، ڪيئن تہ تهمت مڙي.

”نفيس“ نگاهہ ڪا ڪريو ڍاتي ڍول وريو،
ڏيهہ ڏُکارو ڏِسيو هو وري پيو وري.

*

ڀيون خطائون ٿيون لکين، اهڙي خطا ڀِرين نہ ٿي،
هيءَ زندگي مون کان منا، ايڏي خفا ڀِرين نہ ٿي.

سک چينَ جو نالو ڪٿي، آهي رهيو سنسار ۾،
زندگي ايئن تن تنها، ڪنهن ڀي لڳا ڀِرين نہ ٿي.

تون ڀلي ڀيو ڪر جَفا، مون کان وفا پئي پڇندي،
مون کان اڳي منهنجا منا، اهڙي وفا ڀِرين نہ ٿي.

جا ڏيو سا ڀل ڏيو، دل لڳائڻ جي سزا،
مون کان پُني جهڙي بہ آ، اهڙي دعا ڀِرين نہ ٿي.

جو اکين ۾ آ رکيل، جادو سحر يا ڪو اکر،
”نفيس“ نيڻن جي اڳيان اهڙي نگاهہ ڀِرين نہ ٿي.

*

ڪير سٽي سنسار جون ڳالهيون،
پاڻ ڪي گهرجن پيار جون ڳالهيون.

دل جي بدلي دل ڏينداسون،
اهي آهن اقرار جون ڳالهيون.

بادل بوندون، برسي پونديون،
ساوڻ رُت، ملهار جون ڳالهيون.

پيار ڪرڻ آ ڪم اسان جو
اصل اهي ڪم ڪار جون ڳالهيون.

ڳلي دل جي جڏهن به ٽڙندي،
پوءِ ڪبيون گُلزار جون ڳالهيون.

دلبر دلاسو ڪيئن نه ڏيندو،
”نفيس“ ڪجَ اظهار جون ڳالهيون.

*

ڪيڏا آهن پيارا ماڻھو،
ٽوپيءَ اجرڪ وارا ماڻھو.

مکڻ ماکيءَ مصريءَ جھڙا،
مون کي منڙا سارا ماڻھو.

اک بادامي، لب گُلابي،
دل نہ رهي تن ڌارا ماڻھو.

ڪابل، بابلَ، تائين مونکي،
ڪين گڏيا ان پارا ماڻھو.

جوڙ تنهين جو ڪھڙو جوڙيان،
”نفيس“ سڀ ستارا ماڻھو.

*

دل تي دردن جو آ ديرو،
ساجن سنپيري آ سويرو.

رات بہ توکي نيڻن نهاريو،
پڳئي کهڙي ڪارڻ پيرو.

ڪيڏا جذبا اُپرن پيا،
جوش جلايو جگر جيرو.

آئون ازل کان تنهنجو آهيان،
منهنجي دل تي تنهنجو پهرو.

سچ تہ نيٺ بہ اُپري پوندو،
رهڻو ناهي اَنڌَ انڌيرو.

مفت "نفيس" کي ماريو چو ٿا،
ايئن نہ ٿبو آ، مرڻ جو ميرو.

*

تنهنجي قدم قدم تي، سجدا هزار منهنجا،
ڇا ڪان ڪسي وئين دلبر، صبر و قرار منهنجا.

تنهنجون حسين ادائون، موهي وجهن ٿيون مون ڪي،
دل تي چوي او جاني! ماڻيو هي پيار منهنجا.

ظالم آهي زمانو، ڦهلي متان فسانو،
مِل مِل وري او منڙا، منٺار يار منهنجا.

تون ئي رهين فڪر ۾، سهڻا تنهنجي هجر ۾،
وهندا رهيا سراسر ، نيڻن مان نار منهنجا.

دل ڪي گهڻو جهليان ٿو، پيارا پرين پليان ٿو،
پر سا، رهي ٿي مانڊي، سيني سوار منهنجا.

آ دل سان دل ملايون، گيت ”نفيس“ ڳايون،
ڪر تون قبول ڪاملَ، ٻانهن جا هار منهنجا.

*

توبن دل کو چين نہ سنپري،
وقت پيارو کٽ ٿو وسري.

گگه انڌيرو آهي يارو،
اوهين اچو سج نئون کو اُڀري.

هر هر راڻا رسبو ناهي،
صدين برابر پل ٿو گذري.

جيون سارو نانءُ اوهان جي،
تو ريءَ جيءَ کي ٻيو نہ نيري.

تون جُدا ڄڻ وقت قضا جو،
مل مٺا، من ميرو اُجري.

اداس آهن سپ ڏينهن راتيون،
ڦير ڦير ڄڻ، نانگ پيو نڪري.

تنهنجي مُکَ جو تِر چُمڻ لاءِ،
”نفيس“ پوپٽ ٿي پيو اُڏري.

*

مون تي يقين نہ توکي، ماڻهن ڪنان پُڇي ڏس،
ٻئي جو ٿيان مان پلجي، سڀ زندگيءَ ۾ ناهيان.

هونئن محفلن جي مونکي، دعوت ملي ٿي اڪثر،
تو کان سواءِ شامل، ڪنهن ۾ خوشيءَ ۾ ناهيان.

جو ڪجه بہ آئون آهيان، تنهنجي ڪري ئي آهيان،
سچ تون سُڻائي ساجن، ڇا بيوسيءَ ۾ ناهيان.

تون منهنجي سر زمين تي، روشن چراغ آهين،
جنهن تي ٻران پچان ٿو، جو بزدليءَ ۾ ناهيان.

هي منهنجو حوصلو آ، جو سڀ ستم سهان پيو،
نہ تہ زندگيءَ جي هوندي، آئون زندگيءَ ۾ ناهيان.

تون مرمري پٿر جي، ڪا مورتي تراشيل،
جنهن لاءِ جهُڪي حياتي، ڇا بندگيءَ ۾ ناهيان؟

چشمِ زَرين، ڏسان ٿو ڍڪ مئہ سندا پيئان ٿو،
پوءِ پي ”نفيس“ نرمل! ڪنهن پي غشيءَ ۾ ناهيان.

*

ياد ايندا اٿم، ڏينهن ڏنگيندا اٿم،
خيال تنهنجا پرين، بس وڍيندا اٿم.

ڪاش! تون ايئن ملين، جيئن ٻين کي ملين،
گس گهٽيون تو سواءِ، گهر گهٽيندا اٿم.

مان ڀي انسان آن، ٿو جيئڻ چاهيان،
سور تنهنجا سڄڻ سڀ سٽيندا اٿم.

بت سڄو ٿو ڏکي، لڳ ڪانڊارجن،
ايئن جواني صنم، ڏک ڏنپيندا اٿم.

شل! هتي ايئن اچين، جيئن هُتي آئين تون،
ڪانوَ ڪانءَ ڪانءَ ڪري، ڏڍ ڏيندا اٿم.

تون جيئن شل سدا، ”نفيس“ تنهنجي ڪري،
هٿ مٿي ٻئي کڻي، لَبَ ٻوليندا اٿم.

*

مطلب تائين، سائين سائين،
مطلب نڪتو تون ڇا آهين.

ڪير پُڇي ٿو پيار ڪي پيارا،
خالي وينو مغز ڪپائين.

ڦيري ويو آ، ڏن دلين ڪي،
شايد تون هوش ۾ ناهين.

هي ڏِس لوڀي نوڳي ماڻهو
تن سان ڇو ٿو دل لڳائين.

تو جيئن هُو آ ڦُريل ٽولو
هٿ هتان ٻي لائين ۾ آهين.

رنگ، نسل ۽ ذات جا هوڪا،
”نفيس“ ڏين، تون سي ٿو ڇاهين.

*

سواءِ سڄڻ جي سيئي سور راتيون،
غَمن سان ٿيون گُذرن ڀرپور راتيون.

اُھي چنڊ تارا آھن، ساکي اسان جا،
پيا بس تہ ڪاٽيون مٺا مُورِ راتيون.

ڇنڻ ئي سکيو ھو، ڳنڍي ڪونہ سگھيو،
ڪڏھن راس آيون، نہ منظور راتيون.

اچڻ جي عنايت ڪريو ڪا اسانتي،
ڏسو ڪيئن ٿيون گُذرن مذڪور راتيون.

پٿر جي دنيا ۾، پٿر جو مُجسم
”نفيس“ ڇو ڪرين ٿو تون مفرور راتيون.

*

خوشين کي بہ ڀانئڪر پائي ڏنو اٿم،
صدما سهڻ ۾، مزو ئي پيو آ.

اوهان کي مبارڪ هُجي هي مئخانو،
اسانکي تہ يارو، نشو ئي پيو آ.

منهنجي طبيعت کي ڇڏي ڏيو طبيبا!
منهنجي مرض جو بس پتو ئي پيو آ.

ديوانن سان مون کي ، ڀيٽيو ڇو ٿا لوڪو!؟
اسان جو پيارا، قصو ئي پيو آ.

ٻ مسجد، مندر ۾ رکيل ڇا هي يارو،
پرينءَ کي پسڻ جو، رستو ئي پيو آ.

”نفيس“ نيهن ۾ بس، ڏينهن رات هڪ آ،
پنهنجي وقت جو ڏس، جلوو ئي پيو آ.

*

توکي ڏسڻ جو نشو تي ويو آ،
مُرڪي ملڻ جو نشو تي ويو آ.

ڇڏي مئڪدي کي گهٽئي سال تي ويا،
تنهنجا چپ چُمڻ جو نشو تي ويو آ.

تنهنجي راهه رستا نهارڻ کانپوءِ،
تنهنجي در اچڻ جو نشو تي ويو آ.

۽ منهنجي روئڻ تي پريشان ڇو آهين !؟
مون کي بس روئڻ جو نشو تي ويو آ.

پوئڻرن جو ايمان، بي واس گُل تي،
پيرا ڏيڻ جو نشو تي ويو آ.

”نفيس“ پنهنجي منزل اوکي اڙانگي،
نه پُنتي هَٽڻ جو نشو تي ويو آ.

*

ٻالهه تو جا ڪئي، ٻالهه واهجي ٿهي،
ڏات منهنجي رُٺل، مونکي موٽي ملي.

ڪات ڪُهاڙي بنا، بس ڪُهي تو ڇڏيو،
نہ مون ڪجه چيو نہ دل ڪا ڪُڇي.

تو دغائن سان منهنجي دل کي لُٽيو،
ٻالهه دل تو سندي نيٺ ڦاٽي پئي.

هن چمن مان پرين، گُل ڇٽيل ٿو ڏسان،
هيءَ حَقيقت مڃو، وڃو ضد تان لَهي.

ٿا ڏسي ڏُک اسانجا، ويو موت موٽي،
ايئن حياتي سندم، يار ويئي وڌي.

”نفيس“ تنهنجي نيڻن جي جادوگريءَ کي،
اسان آهي اربي، حياتي سجي.

*

سڄڻ ساٿ تنهنجو ڪڏهن ڪونہ ڇڏبو،
گهٽن دشمنن ڪي، دسي نيٺ وڃبو.

مون کي هُونئن جيئڻ جو رهيو شوق ناهي،
جيڪو پل بہ جيئندس، تنهنجي لاءِ جيئبو.

۽ ميت تي منهنجي، متان لُڙڪ لاڙين،
متان روح تڙپي، ۽ گهٽ وڏ چوي ڪو.

سيئي معاف توکي، جفائون دغائون،
ڏنئي ڏُک ڪيڏا، ڪنهن کي ڪو نہ چئبو.

”نفيس“ نينهن اسانجو پراڻو نہ ٿيندو،
ستم سڀ سڄڻ جو ڪٽي سِرَ تي سهبو.

*

مونکان جواني ۽ جوڀن کسي ويا،
ڪيڏا پيارا ماڻهو گُلشن کسي ويا.

مالهيءَ جي غفلت، ماتم گُلن جو،
گُلن کان گُلن جو پن پن کسي ويا.

کلڻ هُو کسي ويو، ۽ روئڻ زمانو،
اسان کان اسان جو سڀ ڏن کسي ويا.

ماڻهوءَ کي ماڻهو، چوين ته به چتائج،
متان پوءِ چوين تون، منهنجو من کسي ويا.

اجان مس راهن تي، هلڻ سکيوسين،
تيسين دلبريءَ جو دامن کسي ويا.

”نفيس“ هي نياڳي اکين جو ڏچو آ،
دلين جي ته دلبر، دڙڪن کسي ويا.

*

رنگ وَ بوءِ ڪونہ رهيا، آ چمن روئي ڏنو،
شاخِ گُل ڇا آ ڇِنو، بُلبُلن روئي ڏنو.

داد بي داد رهيو، هُن جي عدالت جي اڳيان،
منصفن جي ٿو لڳي، آ ذهن روئي ڏنو.

چشمِ قاتل ڪان پُڇو، ڇو پريشان آهن!؟
بي دلن جي بہ ڪڏهن، آ اکين روئي ڏنو.

زِيرِ آب بہ رت سان ٿئي، اڄ اسان جي ڌرتي،
ها هنسو خوب هنسو، ٿهہ ٿهن روئي ڏنو.

خونِ ناحق آ ٿئي، هاءِ هستي تہ ڏسو،
گليون ڪوچہ تہ رُنا، ۽ صحن روئي ڏنو.

آرزو قتل ٿئي، سڀ اُميدون ٿيون خَتم،
چاڪ سينا نہ ڪريو، آ ڦٽن روئي ڏنو.

هيءَ خطا منهنجي آهي، جو ڪيم هُن تي يَقين،
حال تي تنهنجي ”نفيس“، دل جَلن روئي ڏنو.

*

جهٽ پٽ جيءُ تو ڇڏيو جهوري، ڇا تو پائين بخش ٿيندين!؟
ڪيڏا سُندر سپنا توڙي، ڇا تو پائين بخش ٿيندين!؟

شهيد ڪئي تو سنڌ جي راڻي، توسان آ هڪ هيڪاڻي،
تنهنجا ڇڏبا ٻيڙا ٻوڙي، ڇا تو پائين بخش ٿيندين!؟

روز پيو تون لاش اُماڻين، تو ڪي ويا هون ڄاڻي سُڃاڻي،
ڪڻ وِڪون هاڻ تَڪي توري، ڇا تو پائين بخش ٿيندين!؟

نڪتيون آهن ٻاگهيون ٻايون، چُپ نہ رهنديون سنڌ جون ڄايون،
ڪاوڙ تن جي ڏس پروڙي، ڇا تو پائين بخش ٿيندين!؟

لڳائي ڏس تون پنهنجي طاقت، اسين ايندا سين ساڻ شجاعت،
مارُو رکندئي نيٺ مَروڙي، ڇا تو پائين بخش ٿيندين!؟

تنهنجا بم بارود ۾ گهاٽا، ڪين ڪي ڄاڻن راڄ جا راٽا،
جان ڇڏيندا پنهنجي گهوري، ڇا تو پائين بخش ٿيندين!؟

ٻڏي نڪتا ٻَڳَ "نفيسَ"، ٻڪ مري ويا خانَ خبيس،
وچن ڪيو هر ڀڪي پوڙهي، ڇا تو پائين بخش ٿيندين!؟

*

(شهيد بينظير ڀٽو جي وڇوڙي تي)



## پِٽيا پرائي پٽ جا.......

پِٽيا پرائي پٽ جا، حصا پٽيون گهرن پيا،
چيٽ تن چڪي ڏنا، وري ڪٽيون گهرن پيا
هو روشنين جي شهر ۾، اجا بتيون گهرن پيا،
هي گهر ڏيئا جڻ ويا، اوهين جي ننڊ ۾ پيا،
اوهين جي ننڊ ۾ پيا.......

هٽي ويا، ڪٽي ويا، تنهنجون منهنجون بِنتون،
لُٽيرا سڀ لُٽي ويا، جڳ پنهنجي مان جنتون،
هو محبتون ۽ صحبتون، رهيون وڃي علامتون،
اي رهبرو و رهنما!! اي همنوا اي همنوا!!
اوهين جي ننڊ ۾ پيا.......

هو لاڏلا لڏي ويا، رانجها راٺا ۽ روپلا،
ديس پنهنجي جا ڏٽي، دلير پٽ دادلا،
تڏهن ته هن شروع ٿيا، ظلمتن جا سلسلا،
هي معاملا، هي فاصلا، ڪٿان اچن ٻيا پرجهلا،
اوهين جي ننڊ ۾ پيا.......

ڪلهوڪي سچ جون اکيون، صفا ته سيل ٿي ويون،
ڪيئون ته ڇا پلا ڪيئون، پيا ٿا زهر ڍُڪ پيئون،
۽ ڪيترو ته ايئن جيئون، اُميدون سڀ ختم ٿيون،
واويل ۾ سيئي ويلا، ڪنهن کي نه پئي ڪا حياءَ،
اوهين جي ننڊ ۾ پيا.......

ڇُرڻ ڦِرڻ تي پابندي، حقن گھرڻ تي پابندي،
عيدون، ميلا، ملاکڙا، ملڻ جھلڻ تي پابندي،
اڳيان وڌڻ تي پابندي، جھڙو جيئڻ تي پابندي،
تڏھن تہ ھو چون پيا، انياءَ کي تہ نياءَ،
اوهين جي ننڊ ۾ پيا.......

جو بي عقل ۽ بي زبان  هُجي صنم مٿايون،
۽ پاڪ اهڙي جاءِ تي، نئون ڪعبو بنايون،
جڳ سڄو سڏي سڄڻَ، وڏي واڪي ٻڌايون،
اڄا ناھن ختم ٿيا، هوشُوءَ، هيمونءَ جا حوصلا،
اوهين جي ننڊ ۾ پيا.......

جبل جيڏو جگر رکي، اوهين اڇو ۽ ڪجھ ڪريو
ها پيٽ تي پٿر رکي، اوهين اڇو ۽ ڪجھ ڪريو
ڪو معرڪو مگر رکي، اوهين اڇو ۽ ڪجھ ڪريو
هِن مياڻيءَ منجھ ملاکڙا، ڏسو ويري وڙهڻ لڳا،
اوهين جي ننڊ ۾ پيا.......

ڪيٽي، ڪينجھر، ڪلاچي ڏس، سڏي پئي سڏي پئي،
”نفيس“! ارڏا نينگرا، نهاري مٿِن پڏي پئي،
وريو نہ ڪجھ قوم مان، پري آهون تڏي پئي،
سوڍا تہ سنڌ سڏيا سڏيا، سجاڳ ٿيو اُٿو ٻچا،
اوهين جي ننڊ ۾ پيا.......

*

## صداءِ سنڌ

صدا ڏني آ سنڌ امان، اُٿو منهنجا اي نوجوان،
اوهين وطن جا پاسبان، ڏسو ظلم روان ڏوان،

انڌو ٿيو سوراج آ، گندو هتي رواج آ،
۽ رهزنيءَ جو راج آ، ڪاهي اچو ڪو ڪاروان،
ڏسو ظلم روان ڏوان.

ڪليون هتي ڪوماڻجن، ٿيون رات راڻيون پٽ پون،
۽ بهار لاءِ پيون سڪن، ڪيان تہ ڇا پلا ڪيان،
ڏسو ظلم روان ڏوان.

جتا ناهي جنيي وچو ڪي ڳات ڏاڍ جا لُٽو
ڇڇو نہ پٽ تي ڇٽو ڪجي اوهان سان ڇا بيان،
ڏسو ظلم روان ڏوان

ڪي قيد ۾ ڪي ڪوٺ ۾، بچيو نہ ڪو بہ ڳوٺ ۾،
ووٺ جي ئي موٺ ۾، ملي انعام پيو اجان،
ڏسو ظلم روان ڏوان.

اوهان جي عزتن مٿي، آ وار وحشي ٻار جو
پاڙو تہ سو سچو پٽيو، غدار بن غدار جو
اوهان ڪي سرخرو ڏسان،
ڏسو ظلم روان ڏوان.

ٻوريءَ اندر هو لاش ڏس، پيل آ پنهنجي پاءُ جو،
اُره ڪپيل جنازو ڏس، هو ڏيءَ جو هي ماءُ جو،
ڪيسين ته چپ ٿي ويهان
ڏسو ظلم روان ڏوان

گهُٽي جنهن ۾ ساهه پيو، اهڙي هوا ڪپي نه ٿي،
۽ ماٽهو جنهن ۾ پيا مَرَن، اهڙي فضا ڪپي نه ٿي،
اچو اڏيون ڪو نئون جهان
ڏسو ظلم روان ڏوان

”نفيس“ هاڻ هيئن ڪجي، مِڙي مِڙي ڪا مُٺ ٿجي،
۽ قوم ساري ڪونجي، ميدانِ جنگ ۾ ڏجي،
وڏي وڏي اذان اذان،
ڏسو ظلم روان ڏوان.

*

## آ منوا مُرڪي ملڻ جي وَھي

اجھا يار آئي، بھارن جي موسم،
متو ڇھڇٽو آ، گُلابن جي موسم،
ھيءَ پونئرن، پنپورين تتلين جي موسم،
ھيءَ ڪاري گھٽائن ۽ بجلين جي موسم،
آ منوا مستي ڪرڻ جي وھي،
ڪٿي آھي تنھنجي وچڻ جي وھي...

ھي چيھن، پپيھن، ٻاٻيھن جون ٻوليون،
ھي ڪوئل، ڪبوترن، ڳُمرين جو ٻوليون،
چَمن سارو ڇُڻ ٻُڻ، چڙين جون ٻوليون،
ٻُڏ ٻُوپ ٻِيرن ۽ جھرڪين جون ٻوليون
آھي سونھن ساري ڏسڻ جي وھي،
ڪٿي آھي تنھنجي وچڻ جي وھي...

ھيڪل وياڪل اُجاٻِيل اکين ۾،
ڪيڏا آس جا ديپ ٻآري رکيا ٿَم،
ڏئي هَٿ ھوا کي شمع جي بقا کي،
ڪيڏا پئو بدن جا سُمھاري ڇڏيا ٿَم،
ھي جوبن جواني جيئڻ جي وھي،
ڪٿي آھي تنھنجي وچڻ جي وھي...

سڳوريون، سڳوريون، عيدون نہ ڇڏجن،
اهڙيون پُر مسرت نويدون نہ ڇڏجن،
رکيل دل ۾ دلبر، اُميدون نہ ڇڏجن،
پريتم! پُرنم ديدون نہ ڇڏجن،
آ چاهت پريا ڇَپَ چُمڻ جي وهي،
ڪٿي آهي تنهنجي وچڻ جي وهي...

تنهنجي يار کهڙي ادائن تي لکجي،
نماڻي نماڻي، نگاهن تي لکجي،
مانيڻي طبيعت، حيائن تي لکجي،
سيرت بصيرت، وفائن تي لکجي،
هتي آ تنهنجي هُجڻ جي وهي،
ڪٿي آهي تنهنجي وچڻ جي وهي...

اجا ڪلهہ اوهان جي گُجرين پُڇا ڪئي،
پنهنجي ڳوپ ڳوتاڻين ۽ سکرين پُڇا ڪئي،
پڏمڻين، ڪامڻين ۽ ڪجلين پُڇا ڪئي،
گُلن توکي ڳوليو، ۽ ڪلين پُڇا ڪئي،
اي گُل بوءِ بدن آ گهمڻ جي وهي،
ڪٿي آهي تنهنجي وچڻ جي وهي...
رکيون تنهنجي جيڏن، ٻيلهارن جون رانديون،
پڄايون ڪي پيڻن تو لاءِ لال مهنديون،
يادون جن کي تنهنجون، ڏينهو تي ڏنگينديون،
۽ ساروڻيون سپن کي، ڪائڻ پيون ايندو،
"نفيس" ناهي پنهنجي روئڻ جي وهي،
ڪٿي آهي تنهنجي وچڻ جي وهي...

اي شهرِ خموشان سندا تون مسافر!
ڪري چاڪ سينا نہ طوفان بپا ڪر،
پنهنجا حال اوري، اسان ڪان پُڇا ڳر،
ٻہ ٽي ٻولهہ ٻولي اي سُهڻا نگاهہ ڪر،
آ منوا مُرڪي ملڻ جي وهي،
ڪٿي آهي تنهنجي وڃڻ جي وهي...

*

(مئي 2009 ۾ سندم پيٽ جج عبدالرسول ٿهيم جي بي وقتائتي وڇوڙي تي لکيل)

# اوهان سان وڙهبو

اسان اوهانجي سڏن تي ڊوڙون هزار پاتيون هزار پيرا،
اسان اوهان کي، اکين جي اڳيان هٿن سان ناهي ڏنا آکيرا،
وفا جي بدلي اوهان ڏنو ڇا؟ جلائي ڇڏيا جگر ۾ جيرا،
اوهان کي هاڻي ڪڏهن نہ ڇڏبو، اوهان سان وڙهبو.
اوهان سان وڙهبو.

اسان اوهان کي اجهو ڏنوسين، اڱڻ ڏنا ۽ ڏنيون اوطاقون،
اوهين اُگهاڙا هُتان ٿي آيا، اسان اوهانکي ڏنيون پوشاڪون،
اوهانجا بازو ڪٽيل ڏناسين، تڏهن اوهانکي ڏنيون بي ساکيون
اسان نہ ڄاتو ماڻهو ڪو مٽبو، اوهان سان وڙهبو.
اوهان سان وڙهبو.

اسين خدا کي ڪٿي بہ ڀُوليون، اوهان کي نيهہ هُجن مسيتون،
اوهانجون رسمون اوهين ٿا ڄاڻو اسان کي پياريون اسان جون ريتون،
اسين سچائي ڄاڻون صداقت، اسان کي ملنديون هميشہ جيتون،
اوهانکي سوئر سَٽيو پئي سَٽبو، اوهان سان وڙهبو.
اوهان سان وڙهبو.

اسان اوهانجي ٻچن جي لاءِ، گهڻا ڪياسون گهڻا اوجاڳا،

اسان وفا جي نياءَ جي خاطر، گهٽا ڳنڍياسون گهٽا ئي ڏاڳا،
اوهانجون سوچون اُهي ئي ڏاريون، مٿان روحن جي لٽا نہ راڳا،
گهٽيءَ گهٽيءَ ۾ اوهانکي گهٽبو، اوهان سان وڙهبو.
اوهان سان وڙهبو.

اسان تہ خوشيون ڏنيون اوهان کي، اوهان ڏنو ڇا رڳو ئي آهون،
اسان جا ڪونڌر ڪُٺا تو ظالمَ، ڪليل ڏنيون تو سندن نگاهون!؟
ايندي سُهائي ويندو انڌيرو، اداس اکيون ڳولين راهون،
حقن جو پوءِ حساب وٺبو، اوهان سان وڙهبو.
اوهان سان وڙهبو.

اسان تہ تانا سٺا نہ ڪنهن جا، آيون اسيرن سنديون ميارون،
چون ٿا غيرت ڪٿي اوهان جي؟ سڀوري سنڌ ٿي ڪري پُڪارون،
اسان تہ تن سان وچن ڪيو آ، ڪَرن ڪان ڪسبيون سيئي بهارون،
انهيءَ عزم کان ڪڏهن نہ ڦربو، اوهان سان وڙهبو.
اوهان سان وڙهبو.

بنا سبب جي جيڪي بہ باندي، قسم اسانکي انهن ادن جو،
جنين جون سيجون اوهان سجيون ڪيون، قسم اسانکي انهن ٻنن جو
قسم اسانکي خالي گهرن جو، قسم اسان کي ننڍن ٻچن جو
”نفيس“ پاڙو پليد پٽبو اوهان سان وڙهبو.
اوهان سان وڙهبو.

❊

## آئون لکندس اجا

تنهنجي سورهيہ سچائي ۽ ساجاھ تي،
تنهنجي ڪانئر تي ڪڙڪي ڪرڻ ڪاھ تي،
تنهنجي منزل مٿي ۽ پرين راھ تي،
تنهنجي چاهت چري ۽ چٽي چاھ تي،
ٿي چوي دل لکان، آئون لکندس اجا.

هي پاڙا پرين توکي پرتا هُجن،
سنگ تنهنجي سڄڻ سورهيہ سرتا هُجن،
جن ويرين ڪنان، وير ورتا هُجن،
ماڻهون اهڙا امر، ۽ امرتا هُجن،
ٿي چوي دل ميان، آئون لکندس اجا،

گار غدار تي، تو تي گُلڙا وسن،
تون اچين شل وري، توکي پاڙا پسن،
محبتي صحبتي پنهنجا ميڙا مچن،
حال دشمن سندا اهڙا اهڙا ڪجن،
ٿي چوي دل ڏسان! آئون لکندس اجا.

جڳ چوي ٿو ميان! ڪي جٽا ناهي وجھ،
پاپ وارا پرين! تون پاڙا ڏاهي وجھ،

ڏيهہ ڏوهارين سندا، ڪي ليڪا لاهي وجهہ،
ور واڳوئن مٿي، ۽ ڪتان ڪاهي وجهہ،
ٿي چوي دل اوهان! آئون لکندس اڃا.

وڙهہ تيسين مٿا جيسين اپري سوراج،
وڙهہ تيسين مٿا جيسين گندو رواج،
ڪاهي ڪڙڪا ڪري ڪيڏ ساڙولي سماج،
ٻول ٻيجل جيان، يا ٿي پئو ڏياج،
ٿي چوي دل منجهان! آئون لکندس اڃا.

وڙهہ اڄوڪي لکڻ جو تون عنوان ٿير،
وڙهہ اڄوڪي نسل جو تون انسان ٿير،
وينو واهہ واهہ ڪرين، ڪجھ پنهنجو ڏيان ٿير،
جيءَ جهنجوڙي جيڪو اهڙو امڪان ٿير،
ٿي چوي دل سَيان! آئون لکندس اڃا.

ڪات کُهاڙا ڪٽي ڪي اڏيون رنگ ٻچا!
هستيون، مستيون ڪي وڏيون رنگ ٻچا،
شهر پنهنجا پيا، ٿا چڙيون رنگ ٻچا،
ساٿ سورهيہ ”نفيس“ ٿا سڏيون رنگ ٻچا،
ٿي چوي دل ڪتان! آئون لکندس اڃا.

*

## پوءِ ٺلھو ٿو جيئان

ھا ھيڻن سندي حسرتن جو قسم،
منھنجي محبوب جي مسرتن جو قسم،
پونءَ پلاري تنھنجي برڪتن جو قسم،
ماءُ! تو کان جي مان ساھہ سانگو ڪيان،
پوءِ ٺلھو ٿو جيئان پوءِ ٺلھو.........

موھن، ڪاھو ديبل، بندر جو قسم،
مونکي لاڙ، ڪاڇي، اُتر جو قسم،
ڪارونجھر، ڪينجھر ۾ ٿَر جو قسم،
تو جڏھن پيي گھريو ڪنڌ ڪوري نہ ڏيان،
پوءِ ٺلھو ٿو جيئان پوءِ ٺلھو.........

وچن آ مون کي مھراڻ جو
گُگِر گاھہ گولاڙن جي سُرھاڻ جو
پرينءَ جي لبڙن جي لالاڻ جو
جي ھر ھڪ جنم ۾ تنھنجو نہ ٿيان.
پوءِ ٺلھو ٿو جيئان پوءِ ٺلھو.........

جيڪي تو کي مَٺو ماءُ منھنجي گھُرن،
سي انڌا ٿي حياتيءَ نِنڊيءَ منجھہ مَرن،
سَڏَ پنھنجي سُھڻن جا سُڻَڙَ کان وڃن،

آئون تن سان وڙهان، ۽ وڙهندو نہ رهان،
پوءِ ٿلهو ٿو جيئان پوءِ ٿلهو.........

ڪنهن بہ جنت کي مان، ڇا ڪندس تو بنان،
جو مون لاءِ گُناهہ، سو مٿي تي کڻان،
ايئن ڪندس ڪينَ مان، پر ڪري جي ويهان،
پوءِ ٿلهو ٿو جيئان پوءِ ٿلهو........

*

## رات ڪاري اچا.....

بات ڪر ساٿ جي، رات ڪاري اچا،

چٽگ ڪنهن چوڪ تي ڪنهن نہ ٻاري اجا،

ها ڪلر ۾ ڪچر جو رڱو مانُ ڏس،
ٽو ڦٽڪي مري، ڪيئن انسان ڏس،
رت رستن مٿي آهي، جاري اجا،
چٽگ ڪنهن چوڪ تي.........

باک جي ساک لاءِ ڪا بغاوت تہ ڪر،
جڳ جي جاڳ لاءِ ڪا عنايت تہ ڪر،
هُوءَ سڏي پئي سڄي سنڌ ساري اجا،
چٽگ ڪنهن چوڪ تي.........

لاش معصوم جوٺيو هوس منجه هضم،
ڪانہ ڍڪجي سگهيو جنهن جو ننگو جِسم،
زندگي داءَ تي، ڪيڏي جُواري اجا،
چٽگ ڪنهن چوڪ تي.........

ڏاڍ ڏهڪاءَ هِت، چو تہ ڏرجي نٿو،
ڀَپُ ٻچڙي ٻلا جو تہ ڀرجي نٿو،
موٽي مانگر آيو ناهي ماري اجا،
چٽگ ڪنهن چوڪ تي.........

*

سدا جيءُ سنڌڙي منهنجي ماءُ

گهُر تہ گهوريان تو مٿاران، صدقي ڪريان ساهہ
سدا جيءُ سنڌڙي منهنجي ماءُ سدا جيءُ سنڌڙي منهنجي ماءُ.

سچل، سامي، شاهه ڀٽائي، تنهنجو هوشو هيمون،
صوفي صادق، چيزل سائين، جن جي پياري آن تون،
دل وڏي ڪر دولهہ آيا پهتا هر ڪنهن جاءِ
سدا جيءُ سنڌڙي منهنجي ماءُ.

ڳهٽ گهڙيندڙ ڳُهٽجي ويندا، گهر گهر گوڙ مَتا پِيا آهن
مرسون مرسون سنڌ نہ ڏيسون نعرا نينهن لڳا پيا آهن،
ڦرجي لُٽجي فرنگي ويندا، مون تي ڪر ويساهہ
سدا جيءُ سنڌڙي منهنجي ماءُ.

وقت وڙهڻ جو آيو آهي، ماٺ ۾ مُور نہ رهبو
ظلم ستم جو ذرو هٽ ڙي، "نفيس" ڪين نہ ڪي سهبو
چنگ وڄائي چارڻ وارو، جڳ ڪي يار جاڳاءِ
سدا جيءُ سنڌڙي منهنجي ماءُ.

*

## لکي نہ سگهندس لکي نہ سگهندس.....

چَون ٿا ماڻهو لکان اوهان تي،
لکي نہ سگهندس، لکي نہ سگهندس.

اوهانجي سونهن جي، ذري جي ساراهہ
ذرو تہ شيءَ آ، پري جي ساراهہ
ڪري نہ سگهندس ڪُڇي نہ سگهندس،
لکي نہ سگهندس لکي نہ سگهندس.......

هتي هزارين، قلم کپن ٿا،
ڪيڏا نہ ڪاغذ، علمَ کپن ٿا،
سامهون اوهانجي ڇُٽي نہ سگهندس،
لکي نہ سگهندس لکي نہ سگهندس.......

گُلن سان پيٽيان تڏهن بہ تون وَڏ،
چندبن سان پيٽيان تڏهن بہ تون وَڏ،
تو سان ڪا پيٽا ڏئي نہ سگهندس،
لکي نہ سگهندس لکي نہ سگهندس.......

تنهنجون سموريون ادائون پياريون،
توکي ڇُهَن سي هوائون پياريون،
ڪٽي ڇُمان سي ڇُمي نہ سگهندس،
لکي نہ سگهندس لکي نہ سگهندس.......

گهٽيون گهَرن جون گهُٽين مونکي،
سارون اوهان جون سٽين مونکي،
”نفيس“ تو ريءَ بچي نہ سگهندس،
لکي نہ سگهندس لکي نہ سگهندس.......

*

## سڀاجهڙا سنڌي اُٺو......

اُٺو اُٺو اُٺو اُٺو
سڀاجهڙا سنڌي اُٺو
وڏي وڏي وڏي اچو

او پيارڙا سنڌي اُٺو
سڀاجھڙا سنڌي اُٺو......

اسان جي هر قدم مٿي،
اسان جي هر زخم مٿي،
اسان جي بات بات تي،
اسان جي لات لات تي،
لڳي آ پابندي اُٺو
سڀاجھڙا سنڌي اُٺو......

هتي تہ ظُلمَتون ڏسو
اسان سان نفرتون ڏسو
جيڪي ها پاڻ پاليا،
انهن جون جُرئتون ڏسو
امان، ادا، ادي اُٺو
سڀاجھڙا سنڌي اُٺو......

اچو اچو تہ سَڏَ تي،
پٿَر وسايو وَڏَ تي،
آيو ويري آ اَڏَ تي،
نظر جنهن جي آ لَڏَ تي،
واهي تہ رَتَ ندي اچو
سڀاجھڙا سنڌي اُٺو......

سَچارن جي ڏرتي....

ويهان ڪيئن وساري ڏنارن جي ڌرتي،
سچل، شاهہ ساميءَ سچارن جي ڌرتي،

منهنجي سنڌ سُهڻي سِين ڪان سُٺي آ،
مون کي سنڌ مُلڪ عدم ڪان مِٺي آ،
ها هوشوءَ هيمونءَ وارن جي ڌرتي،
سچل، شاهہ ساميءَ سچارن جي ڌرتي....

خُدا جو قسم تو کي هَر پيار ڏيندس،
۽ پنهنجي امڙ تان ٻچو ٻار ڏيندس،
آهي نُور جهڙن نظارن جي ڌرتي،
سچل، شاهہ ساميءَ سچارن جي ڌرتي....

پلي پونءَ پٽائي، تنهنجي چَون ٿا،
شفا خوب پائي هِتان هو وڃن ٿا،
آهي سنڌ سموري پنهوارن جي ڌرتي،
سچل، شاهہ ساميءَ سچارن جي ڌرتي....

*

## 4 مارچ جي حوالي سان....

بلا هتان ڀڳي نہ آ، گهاروڙي گَس ڪي ڪٺو
ٻچي نہ ڪو بگڙ ٻچو، ڌُهل دس ڪي ڪٺو

ادا نہ پاڻ ۾ وڙهو، دلين تان ڪس ڪي ڪٽو
لاهيو هي ڏاڍ ڏيهہَ تان، ڏاهَن جا ڏَس ڪي ڪٽو
وڏائي وس ڪي ڪٽو، شاباسون جَسَ ڪي ڪٽو

وڙهو وڙهو ونيون وڙهو، اوهانجا وَرَ ويل ۾،
وڙهو وڙهو اي جيجلون، جگر گهٽا ئي جيل ۾،
وڙهو وڙهو اي ڀينرون هو بيشمار بيل ۾،
لُچائي، لوٽَ، لالَچون، ختم ڪريو ڪنهن ڪيلَ ۾،
ٻَاتِ ڏاڍَ جا لُٽو شاباسون ڪي جَسَ ڪٽو

هُو مهيني ٿي، چوٿي ڏينهان گوليون گهٽيون گُذر ٿيون،
هُو مهيني ٿي، چوٿي ڏينهان سوين سسيون وَڍيون وَڍون،
هُو مهيني ٿي، چوٿي ڏينهان ونيون وَرَن لاءِ رُنيون،
هُو مهيني ٿي، چوٿي ڏينهان ڇا ڪان تہ ڇورڙيون ڇنيون،
هاٽي تہ هَٽَ ڪي هٽو، شاباسون جَسَ ڪي ڪٽو

هي دنگ پنهنجي ديس جا، ڏڙي ڏڙي ڏڙي ونو
هي حق ۽ حساب سڀ، تڙي ڪڙي اڙي ونو
۽ سينڌ پنهنجي سنڌ جي سون سان جڙي ونو
هي محل ماڙيون، موملون چانگي مٿي چڙي ونو
راڻا ڪي راج ڪي وٺو شاباس جَسَ ڪي ڪٽو

اسان جي ڪاله پُٽ مٿي، ڇُرا ڇُريون گهٽيون پڳيون،
اسان جا جوان جيل ۾، سندن سريون گهٽيون پڳيون،
گهوڙا گهوڙا گهرن اندر، گهرن وريون گهٽيون پڳيون،
۽ وحشتن جي ويل ڪان، دليون ڇريون گهٽيون پڳيون،

دودا! هي دهشتون ڏٺو، شاباسون جَسَ کي ڪٺو،

ٿاٽ ٻاٽ کي ڇڏيو، اجا تہ ٿاٽ پيا ٺهن،
ڪڙولا، قيد ڪوٽ ۾ وڏائي ويل پيا وهن،
ٻنيون ونيون تہ ٻيل پر، ٻڍا ۾ ٻار پيا ڪڇن،
"نفيس" نهار نينگرا، سمورا سور پيا سهن،
ڇجو نہ پَٽَ تي ڇٽو شاباسون جَسَ کي ڪٺو.

**هيءِ سجاول آ، هيءِ سجاول آ......**

ٺورو اڳ ۾

هڪ پل اڳ ۾
نہ نہ ، هڪڙي ساعت جو ٻہ چالهيون حصو اڳ ۾،
گهٽين ۽ گهرن مان
بازارين مان
گونجيا ٿي گيت ڌرتيءَ جا
سهرا سرتيءَ جا
گيت........!؟
ها پريمي گيت، جن سان سرچن مِيت
مِيت!؟
ها، اهڙا ميت، جن جي ڳلن تي،
گُل رنگ لَبَن تي،
چانوَ زُلفن جي، پهرا زُلفن جا،
زُلف !؟
ها اهڙا زُلف جيڪي چور ڇَهرن جا
گهاءَ تہ ڇهرن جا،
ها پر......!؟
ٿورو اڳ ۾
هڪ پل اڳ ۾،
هڪڙي ساعت جوٻہ چالهيون حصو اڳ ۾،
هن ئي شهر ۾،
هُيو
ڇهڇٽو ٻٽو ڇٽو
ڇهڇٽو......!؟
ها ، هر ڇهرو کل مُک هيو،
سُک ئي سُک هُيو،
پوءِ سو ڪاڏي ويو!؟
سُج ئي سُج!!؟

ڪا اذان به ناهي الصلوات به ناهي!.....
ڇا قيامت ته.......!؟
نه نه!
قيامت ته ناهي،
ته پوءِ ڇو هي سناٽو ئي سناٽو!؟
ڪو آواز سُجهي نه ٿو ڪو به سَڏي نه ٿو!؟
اڃا ٿورو اڳ ۾
هتان ئي ته، وقت جو ڪوي،
موٽيو هو پٽر واري دور ڏانهن!
گهليو ويو
ٺهليو ويو
چوواٽي تي هٿ گلي ۾،
هُن ٽي چاهيا هار گلي ۾،
هي ڪهڙو شهر ......!؟
ٻُڏ ٻُڏ!؟
رڙ اچي پئي،
ريهَ ٿئي پئي،
ٻار رڙي پيو ڪو ابهم،
ڪير ذري لاءِ،
ٿڏڙي ٿڏڙي هيرَ ذري لاءِ،
ٻُڏ ٻُڏ هو ٻُڏ!!!
ڪُڙات، ڪڙڪڙات،
ڪُڙ ڪُڙ پئي ٿئي،
سيٽيون پيون وڄن، پاسي ٿي،
گوليون پيون برسن،
لوليون سُڄن،
انت آهي !؟

آدميت ۽ انسانيت جو،
ختم ٿي ويندا ماڻهو شهر جا،
هي ڀانت ڀانتَ جا ڪاري بوٽن وارا ماڻهو،
هي بي خوف، بي ڊپا، پهريدار ماڻهو،
پهريدار ماڻهو
لانگ بوٽن جي ڊوڙ ۾،
رائفلن، راڪيٽن سان،
مائوزرن ۽ دستي بمن سان،
هڪڙي ماڻهو جي لاءِ،
چڙهيندا شهر ڪي ڏاهي،
هي هيڏو لشڪر ٿو ڊوڙون پائي،
ها، منهنجي گيتن، ميتن لاءِ،
ها پر.....!!؟
ٿورو اڳ ۾،
نہ نہ هڪڙي ساعت جو بہ چاليهون حصو اڳ ۾،
اڪ ڇُنپ جو ڪيل،
ويل ٿي ويل،
شهر سڄي ۾ هيڏو قهر، خالي نہ ڀِهر ،
زندگي .......!؟
چڙ ڪو زهر،
ٻُڏ ٻُڏ هو ٻُڏ!
لائوڊ اسپيڪر مان آواز پيو اچي،
ڇا ٿو چوي!؟
ٻُڏ غور سان ٻُڏ!
هُوءَ ڏس لشڪري گاڏي، اعلان پئي ڪري،
تہ،
پنج منٽن لاهي، مهلت ڏجي ٿي توکي،

ٻاهر اچ، ٻاهر اچ، نہ تہ !؟
هن شهر کي بمن سان اُڏايو ويندو،
ڊاهيو ويندو،
۽ توکي خاڪ ۾ ملايو ويندو،
ٻاهر اچ ٻاهر اچ،
هيءَ سُجاول آ، هيءَ سُجاول آ.........

*

* (ڄام صادق واري دورِ حڪومت ۾ سيد شوڪت حسين شاهہ عرف بابو شاهہ جي گرفتاريءَ لاءِ سجاول شهر کي ڪڙو چاڙهي گهيرو تنگ ڪيو ويو، جنهن ۾ هڪ بيگناه شهري ٻہ مارجي ويو جڏهن تہ هڪ ليڪ کي گلي ۾ جهلي بي عزتو ڪيو ويو)

## اڙي او وڏيرا......

ھتي جا سانگي، پُڪاري پاٽي، اُجن مرن ٿا اندو تہ ناھين،
ھتي جنازا بنا غسل جي، دفن ٿين ٿا اندو تہ ناھين،
ھتي روزانو غريب ھاري، ڪاڙھي ڪڙھن ٿا اندو تہ ناھين،
عطا ھميشہ ڳيوَ انڌيرا، اڙي وڏيرا، اڙي وڏيرا.....!

ڪڏھن اسان جي پُٽن جا لاشا ٻورين سُبيا ويا پتو اٿئي ڪو؟
ڪڏھن اسان جي ڌيئن جا اُرھہ زوري ڪپيا ويا پتو اٿئي ڪو؟
ڪڏھن اسان جا سڏائي سوڊا، سوريءَ چاڙھيا ويا پتو اٿئي ڪو؟
ڪَسيا سدا تو صبحُ سويرا، اڙي وڏيرا، اڙي وڏيرا....!

اجا بہ سوڊا ڏيڻ ھي سِرڙا، ناھي ٻيئا ھِن ڏسو قطارون،
حلال ٿيچ ڪي ڪرڻ جي خاطر، اٿيا ھي سوڊا ڪري پُڪارون،
اندر ۾ اُلڪو رکي اھو بس، متان ڪا جيجَلَ ڪري ميارون،
ڪندا ڪُچاڙو گسن جا گھيراءَ، اڙي وڏيرا، اڙي وڏيرا....!

پھرين دلاسا ۽ پوءِ ڌڙڪا، ڏيندو رھيو آن، ڏيندو پلي رھ،
سدائين سنڌ کي، پُٽن جا لاشا، ڏيندو رھيو آن ڏيندو پلي رھ،
اسان کي ظالم الائي ڇاڇا، ڏيندو رھيو آن ڏيندو پلي رھ،
اسان سچاٽي وتا ھي پيرا، اڙي وڏيرا، اڙي وڏيرا....!

”نفيس“ درياءَ دليون اسان جون، ڪندا ڪُچاڙو ٻليءَ جا ٻچڙا،
اچو تہ گڏجي گھوري ڇڏيون سڀ، امڙ پنھنجيءِ تان پنھنجا ھي سرڙا،
ڪڏھن ڪان جيجل ڪيون ڪُوڪارون، اچو سنڌيئڙا اُٿو سنڌيئرا،
ٽيندا نہ ڪنھن سان ھاٽي نپيرا، اڙي وڏيرا، اڙي وڏيرا....!

## پاڻي پوءِ پاڻهي ٿي پئي........

پاڻيءَ تي جي پاڻي ٿي پئي،
پاڻي پوءِ پاڻهي ٿي پئي،
راند ٻلي ٻاراڻي ٿي پئي،
ها پر ٻڪ ٻڪاڻي ٿي پئي،

پاڻي پوءِ پاڻهي ٿي پئي......

اندر ۾ اوتيل جنهن جي نفرت،
سو ڇا ڄاڻي پيار و محبت،
اُن سان ڪهڙي صحبت الفت،
ڏيڻي ڪانهي هاڻ مهلت،
جهيڙو ڄاڻي واڻي ٿي پئي،
پاڻي پوءِ پاڻهي ٿي پئي......

ڪيڏا سارا ڪاٽ هنيائون،
خوب خزانہ هتان ڪنيائون،
پونءَ سڄي پڙپانگ ڪيائون،
پنهنجا ٻچڙا پيپ پريائون،
هاڻي ڪا تہ پڄاڻي ٿي پئي،
پاڻي پوءِ پاڻهي ٿي پئي......

پڳڙن مُٺ تي ڪيت پيا وڪجن،
سنڌ امڙ جا پيٽ پيا وڪجن،
ماڻهو جڻ ڪي وهٽ پيا وڪجن،
ڪهڙي ڪهڙي ريٽ پيا وڪجن،
يارو مُلهہ مُلهاڻي ٿي پئي،
پاڻي پوءِ پاڻهي ٿي پئي......

هاڻي ڪاٽ ڪُهاڙا ڪٽجن،
ساٿ ۾ اوڙا پاڙا ڪٽجن،

لاڙ اُتر، ٿر وارا ڪٽجن،
سنڌي سورهيہ سارا ڪٽجن،
”نفيس“ هڪ هيڪاڙي ٿي پئي،
پاڙي پوءِ پاڙهي ٿي پئي......

## چنڊ ڪارو ٿيو.....

وري شهر ۾، ڳالهہ نئين آ هُلي،
تہ تارن چنڊ کي، چُمي آ ڏني،
بس انهيءَ ڳالهہ تي،
شور آهي متو، وڏي شور ويو،
گوڙ آهي متو ءِ مچي گوڙ ويو،

ڪنهن پٽ، سرون ۽ سروٽا ڪنيا،
ڪن گهٽيءَ ۾ گڏ ٿي، گهوپاٽا ڪنيا،
۽ سڄي ڏيهہ، هٽن ۾ ڏانٽا ڪنيا،
هڪ هلچل هلي،
۽ مسلسل هلي،
نيٺ جرڳا ۽ پنچائت جو ڪٺ ٿيو
ڪنهن حامي پري،
انتقامي پري،
چند ڪارو ٿيو
ڏنڊ پئجي ويو
بس اهو ٿي اهو
واتَ سڀ ڪنهن هُيو
چند پهاڙن جي پويان ڊوڙايو ويو
نا ممڪن کي ممڪن بنايو ويو
جو زمين تي آخر ڪيرايو ويو
جو زمين تي آخر ڪيرايو ويو

## نثري نظم...

هي هن سنڌئي عطائون يا ڪي ڪربلائون،

سنڌڙيءَ سندي سڪينہ ،
پاڻي پاڻي پُڪاري،
ڪو پينگھہ پيو اصغر، تڙپي توڏي نھاري،
پاڻي اڪين ڏسون پيا،
پاڻي نہ پي سگھون پيا،
سنڌوءَ کي چند يزيدن فرات آ بنايو
سُک سُھنج وارو جيون،
سڪرات آ بنايو
اي ڪاش!
ابنِ حيدر پيدا ھتي ٿئي ڪو
اي ڪاش! ابنِ حيدر......!؟
رياست جو ھڪڙو والي،
چئي ٿو ڪوڙو حوالي،
پاڻيءَ جي کوٽ ناھي،
پاڻي تہ کوڙ آھي،
البتہ اھو ضرور آ.....
البتہ اھو ضرور آ.....

انتظام ڪجھہ غلط آ...
اُن ويل ھڪڙو چريو
نعرو ھڻي چوي ٿو
تنھنجي انھيءَ نظام تي،نو رتن تمام تي،
وسي وسي سدا وسي لعنت سدا وسي،
ھڪ ٺھڪڙو اُٿي ٿو
ڏاڍو چريو کلي ٿو

ءِ پوءِ روئي پوي ٿو.
ساري فضا ۾ سُڏڪا گونجي ايئن پون ٿا،
فلڪ شگاف نعرا، چوڏس لڳي وڃن ٿا.
اُن ويل ھڪ لوٽاٽيل، ڪاري پاٽيءَ ۾ وھنتل،
ھا، لاش پيو ٿو گُذري، جي! لاش پيو ٿو گُذري،
ماٹھو سيئي پُڇن ٿا، چئي ڏي ھتي جا راجا!!؟
پاٽي ھتي گھٹو آ، پاٽي ھتي گھٹو آ.....

**تون ٻاھر نہ وڃ......**

وڏ ڦڙا پيا وَسن، تون ٻاهر نہ وڃ،
ڀڄي پوندئي بدن، تون ٻاهر نہ وڃ،

اُن ڪان اڳي، تنهنجي پوتي پُسي،
چلولو چاڳلو توڪي چولو چُهٽي،
چندَ ليئا پائي، تنهنجا جلوا ڏسي،
بند منهنجي خاموشيءَ جا سارا ٽُٽن،
تون ٻاهر نہ وڃ..........
تنهنجي چنچل ادا تي، گُل ٽا ٽڙن،
لوڏ تي هوڏ تي، تتليون رقص ڪن،
ٽا ڀونئرا ڀنڀوريون، گهٽيءَ ۾ ڦرن،
۽ برقي بدن مان شعلا اُٿن،
تون ٻاهر نہ وڃ..........
زُلف تنهنجا ڏسي ٽيون گهٽائون گجن،
بجليون ٻُلَ ڏئي پيون مٿان ٽيو ڪرن،
بي مندائتا ڪَڪرَ پڻ برسيو پون،
جگنو بہ تنهنجي اکيان ٽا جهڪن،
تون ٻاهر نہ وڃ..........

تنهنجي نيڻن جي بخشش عطا ٿي پوي،
جيئڻ حياتيءَ جو مقصد بجا ٿي پوي،
هي مدت جا پياسا، پيا ڏُڪ ڳهُرن،
ڇا رکي تون ڪنديئن‌ءَ!؟ ڇڏ تہ پياسا پيئن،
تون ٻاهر نہ وڃ..........

آ ”نفيس“ تو کان منٽڙا، پلا ڇا گهريو؟
اهوئي تہ ٿورو اسان سان رهو،
حياتيءَ تي پيارا کهڙو ڀروسو،
ترس تيسين مٺا، جيسين ماٺهو سُمهن،
تون ٻاهر نہ وڃ..........

## سُهڻي سنڌ جي صورت هڪ پاسي....

ساري مُلڪ جي زينت هڪ پاسي،
سهڻي سنڌ جي صورت هڪ پاسي،
توکي مُلڪ عدم، ايران مٺو
مون کي واڌيءَ سنڌ مهراڻ مٺو
توکي ديس لاءِ الفت هڪ پاسي،
منهنجي سنڌ سان صحبت هڪ پاسي،
ڇا نعرو هنئيڙو هوشوءَ هو
پُٽَ توکي نہ اهڙو هوندو کو
هُن فوج جي طاقت هڪ پاسي،
هوشوءَ جي همت هڪ پاسي،
سچ چوڻ جو وقت آ ڪٿي،
آهي تالو لڳل منهنجي لبڙن تي،
”نفيس“ پنهنجي نصرت هڪ پاسي،
ٻي ساري سنگت هڪ پاسي.

# سڏايان ٿو سنڌي....

نہ انگلش نہ اردو، ڳالهايان ٿو سنڌي،
آهي ناز مون کي سڏايان ٿو سنڌي،

منهنجو ٻول پيارو ۽ هر قول پيارو،
سچل شاهه سامي ۽ عنايت وارو،
ٻُڌ ٻول منهنجا ٻڌايان ٿو سنڌي،
آهي ناز مونکي سڏايان ٿو سنڌي...

هوشو، هيمون حيدر هُئا منهنجا پٽڙا،
ڪُٺا ڪلهہ تو ظالمَ ڏسيان کهڙا کهڙا،
ڪري ياد تن کي مان ڳايان ٿو سنڌي،
آهي ناز مونکي سڏايان ٿو سنڌي...

مران يا تہ ماريان، مگر سنڌ نہ ڏيندس،
”نفيس“ سنڌ امڙ تان فدا ٿيو پئي ٿيندس،
نعرا نينهن وارا لڳايان ٿو سنڌي،
آهي ناز مونکي سڏايان ٿو سنڌي...

## سانول ياد ستائي ٿي......

گهڙيءَ گهڙيءَ ۾ گهائي ٿي،
رات جي ڏائڻ کائي ٿي،

هُن هيڏا هيڏا ڏند ڪڍيا،
ڏسندي جنهن کي ڏيل ڏڪيا،
پوءِ بہ منهنجي مارڻ خاطر،
ڪيڏا ڪاتَ نہ لائي ٿي.

تنها تنها آهن راتيون،
جن ۾ تنهنجي پيار جون باتيون،
سُورن ساڙهيون سُڃيون ڇاتيون،
سانول ياد ستائي ٿي.

پڪ تہ ڪنهن سان پرتو آهين،
تڏهن تہ ايڏو چڙتو آهين،
ڇا بہ آهين پر سرتو آهين،
دل اهڙا ٻول ٻڌائي ٿي،

”نفيسَ“ نيٽن سامهون آيو،
گهورن جنهن کي آهي گهايو،
پوءِ بہ پيرن پايل پايو،
ڇوري ڪا ڇرڪائي ٿي.

## سا گهٽي منهنجي دلبر سندي ٿا چوڻ......

جتي روز ٿڏڙيون هَوائون هُلن،
۽ ڪنواري بدن مان، ٿيون مهڪون اُٿن،
ها ڪاريون گهٽائون بہ تعظيم ڪن،
ڏسي جنهن ڪي ڪنوڙيون، ٿيون رقصان رهن،
سا گهٽي منهنجي دلبر سندي ٿا چون....

جتي روز جذبن کي جوتي ملي ٿي،
۽ مُرده جسم کي حياتي ملي ٿي،
جتي ڪار سيڪا ڪارائتي مِلي ٿي،
مئڪدا، مئڪشي آ سارو صحن،
سا گهٽي منهنجي دلبر سندي ٿا چون....

جتي گُل چَمن ۾ ٿا جهُمريون هڻن،
پونئرا، پنپوريون ۽ تتليون مِڙن،
۽ جگنو ساري رات ٽم ٽم ٿا ڪَن،
دلبريءَ، دلڪشيءَ جا منظر ملن،
سا گهٽي منهنجي دلبر سندي ٿا چون....

جتي هڪ خواهش ختم ٿيو وڃي،
۽ نئين ڪا تمنا جنميو پوي،
پُرڪش پيالا، پريڻءَ ڪان ملن،

سندرتا، سدائين ملهائي جشن،
سا گهٽي منهنجي دلبر سندي ٿا چون....

جتي مدهم مدهم جوتون جلن ٿيون،
۽ معطر معطر، هيرون گهُلن ٿيون،
زندگيون، پنهنجي معراج کي بس رسن ٿيون،
جت سڪندرَ ۽ سُلطان سارا جهڪن،
سا گهٽي منهنجي دلبر سندي ٿا چون....

جتي پنهنجا بہ جوانيءَ چڙهن،
۽ مُدهر مُدهر موسيقيون ڇڙن،
”نفيس“ جي بہ نيڻن جا چرچا هَلن،
۽ غلاميءَ کي گاريون ڀوندا مِلَن،
سا گهٽي منهنجي دلبر سندي ٿا چون....

## صداءِ حق بلند ڪري......

صداءِ حق بلند ڪري، بينظير شھيد ٿئي،
ڪٿن ڪيڏو نہ پنڌ ڪري بينظير شھيد ٿئي،

جھڪي نہ ڪنھن جابر اڳيان رُڪي نہ ڪنھن طوفان ۾،
بيان ڪجي بيان ۾ ڇا ڳائجي تنھن شان ۾،
ڇا حوصلو ھُئو سندس، ڇا ولولو ھُئو سندس،
ڪيڏو نہ اُچو ڪنڌ ڪري بينظير شھيد ٿئي،

جڏھن بہ ڪاري رات ٿئي، تہ سوجھري جي لات ٿي،
پُڪاريو ھُن پليد کي، اُچي اُچي ڳاٺ ٿي،
جھيڙيو ھُن جھانگين جي لاءِ، غريب تن سانگين لاءِ،
نثار پنھنجي جند ڪري بينظير شھيد ٿئي،

غريب حال مُلڪ جو، هُئي بينظير ڀروسو،
اڇي اڇي ادي اڇي، سڀن جو هو هي فيصلو،
اسان سندي اُميد هُئي، هر آسي، آتي ديدَ هُئي،
ڳلي ڳلي سُڳنڌ ڪري بينظير شهيد ٿئي،

رهزنن جي راڄ ۾، ڇا رهبري هُئي سندس،
۽ دل وارن جي ديس ۾ ڇا دلبري هُئي سندس،
ڏاڍَ ڪي ڏهڪائي وئي، ۽ جڳ سڄو جاڳائي وئي،
سڄو پنهنجو سوڳنڌ ڪري، بينظير شهيد ٿئي،

”نفيس“ ٿورو آهستي، سُتل هتي آ بينظير،
ارڏي ادي اسان سندي، ٽڪل هتي آ بينظير،
آ نياڻي ذُوالفقار جي ۽ نشاني هُن جي پيار جي،
ويرين جي واهه بند ڪري بينظير شهيد ٿئي-

## پنڊي تو تي آهي ميار.......

شايد هو ڪو حرامي ٻار،
ڪيئن ڪيائين لڪندي وار،
سنڌ جي راڻي تي اڄ ڌار،
پنڊي تو تي آهي ميار،
پنڊي تو تي آهي ميار........

سنڌ جا سڀ نظارا روئن،
چنڊ رُنو ۽ تارا رُوئن،
ڌاڍي جگر وارا رُوئن،
ماتم گهر گهر ۽ بازار،
پنڊي تو تي آهي ميار........

ڪالھ بہ ھڪڙو شھيد اُماڻيئي،
اڄ وري مزيد اُماڻيئي،
ڪيڏو درد شديد اُماڻيئي،
ڇا تون سھندي ساڳئي ڪار،
پنڌي توتي آھي ميار........

ڪين ڪي پانئج سودو سستو،
آخري لاش اسان ھي ورتو،
تو ڪيو سو توکي پرتو،
ھاڻي ھلندو نئون وھنوار،
پنڌي توتي آھي ميار........

تو ۾ ڪو ارغون رھي ٿو،
ھن دور سندو فرعون رھي ٿو،
مڪار وڏو ملعون رھي ٿو،
لعنت اُن تي ھُجي سئو بار،
پنڌي توتي آھي ميار........

## الوداع.......

شهيد راڻي پنهنجي هاڻي الوداع،
سنڌ جي نياڻي پنهنجي هاڻي الوداع،

آ قسم سان، هي وچن منهنجي ادي،
ڪٽي نڪتاسين ڪفن منهنجي ادي،
ٿيندي هُن سان هڪ هيڪاڻي الوداع،
سنڌ جي نياڻي پنهنجي هاڻي الوداع........

بي شرم هُن بي حياءَ ڪي ڳولبو،
پُٽ حراميءَ پيءُ سندي ڪي رولبو،
ٿيندي اُن جي اڄ پُڄاڻي الوداع،
سنڌ جي نياڻي پنهنجي هاڻي الوداع........

رت سان پنلَ سنڌ جي اڪين جو آ قسم،
دردَ هاڻِي سڀ دلين جو آ قسم،
هُن سان ٿيندو هاڻ پاڻي الوداع،
سنڌ جي نياڻي پنهنجي هاڻي الوداع........

ڳَلهہ پُٽي کي سوليءَ چاڙهيوِ اِن پنڊيءَ
اڄ وري توکي آ ماريو اِن پنڊيءَ
هاڻ ڇا جي رک رکاڻي الوداع.
سنڌ جي نياڻي پنهنجي هاڻي الوداع........

اي وطن جي شهيد راڻي، سَوَ سلام
توکي بخشيو آ خُدا اعليٰ مقام.
بيبي زينب جي ساٿياڻي الوداع.
سنڌ جي نياڻي پنهنجي هاڻي الوداع........

خون تنهنجو رنگ لاهيندو ضرور.
ٿي دنيا ساري چوي تون بي قصور.
ياد رهندي هيءَ ڪهاڻي الوداع.
سنڌ جي نياڻي پنهنجي هاڻي الوداع........

ٿو رَڙي، آهون ڀري هرهر ”نفيس“
۽ دنيا دانهون ڪري ٿيو هيڏو ڪِيس.
بس اُٿو ڇاجو سُڀاڻي؟؟ الوداع
سنڌ جي نياڻي پنهنجي هاڻي الوداع........

(شهيد راڻي محترمہ بينظير ڀٽو جي وڇوڙي جي حوالي سان)


وايون

## پنهنجا سي ئي پنڌ

جهونجهارن جا جت ڪرن،
جيئرا جيئرا ڪنڌ،
پنهنجا سي ئي پنڌ......

سرمد سوريءَ جت چڙهيو
سي سونهارا هنڌ،
پنهنجا سي ئي پنڌ......

چانورن ۾ چو ويهين ٿو،
چا لئہ ساٽا سند،
پنهنجا سي ئي پنڌ......

ساٿين رت مان مهڪ اُٿي آ،
سنڌڙي سڀ سڳنڌ،
پنهنجا سي ئي پنڌ......

مانگر موٽيو آ ”نفيس“،
ڪرڻ ڪي ڦاهيون ڦنڌ،
پنهنجا سي ئي پنڌ......

## سانولڙا

تنهنجي تات تنوار لُڙڪَ بہ لارو لار
ور سگهوڙي سانولڙا.

توريءَ ڪن ٿيون روز
اسان سان تنهائيون تڪرار
ور سگهوڙي سانولڙا.

هن مُند موٽي آءُ پيارا
ڪڙيا ڪنڊڙهار
ور سگهوڙي سانولڙا.

اڄ تہ ڪيرايون ڪلندي ڳڏندي
دردن جي ديوار
ور سگهوڙي سانولڙا.

”نفيس“ آئي اڏجي پوندو
نئون نگر هُن پار
ور سگهو ڙي سانولڙا.

## ڏينهن اچي ويا

گونگي سنڌڙي مُنهن کي کول،
ڏکڙ وارا ڏينهن پڄي ويا.

ٻاجهاري او ٻاجهاري،
ٻاجهارا اڄ ٻول تہ ٻول،
ڏکڙ وارا ڏينهن پڄي ويا.

هينئڙي تي تون هٿ رکي،
ڇڏ ڇڏ هيڏو سارو هول،
ڏکڙ وارا ڏينهن پڄي ويا.

دودي جهوڏي جي او مادر،

رڻ ۾ راڻي پاڻ نہ رول،
ڏکڻ وارا ڏينهن پڄي ويا.

وحشي هاڻي واٽ وٺي،
نہ خالي ڪندا تنهنجا جهول،
ڏکڻ وارا ڏينهن پڄي ويا.

ڏرتي تنهنجا دل جا ڏاڻا،
هوشو هيمون سڀ انمول،
ڏکڻ وارا ڏينهن پڄي ويا.

”نفيس“ نازڪ موڙ مان گُذري،
اُٿيا آهن ڍاٽي ڍول،
ڏکڻ وارا ڏينهن پڄي ويا.

# گيت ڪنهن تي لکان

ڪاغذ، قيد اندر، سوچ سڀ منتشر،
گيت ڪنهن تي لکان......

لفظ لهرون لهر، سي بہ ميڙيان مگر،
گيت ڪنهن تي لکان......

وزن، قافيا، بحر ويو وسري اَڪَر،
گيت ڪنهن تي لکان......

تو هُري همسفر، دل ۾ شام و سحر،
گيت ڪنهن تي لکان......

هُو تہ مُرڪي مگر، پهرا چوويهہ پهر،
گيت ڪنهن تي لکان......

جيت سچ جو اثر، ڪوڙ سارو ڪلر،
گيت ڪنهن تي لکان......

”نفيس“ ڪج پيو نظر، بهار ايندي پيهر،
گيت ڪنهن تي لکان......

پوءِ اڏ ٿي مران

ٿيج ٽُنهنجي پيئان، جان تو تان نہ ڏيان،
پوءِ اڏ ٿي مَران، پوءِ اڏ ٿي مَران......

لوئي ليهون ڏسي، آئون چُپ ٿي ويهان،
پوءِ اڏ ٿي مَران، پوءِ اڏ ٿي مَران......

سڏ تون پئي ڪرين، سڏ آئون نہ ڏيان،
پوءِ اڏ ٿي مَران، پوءِ اڏ ٿي مَران......

ماءُ تو کي سڏيان، پير ٻيا ڪي چُمان،
پوءِ اڏ ٿي مَران، پوءِ اڏ ٿي مَران......

بند تو تي ڏسي، چاشنيون مان چَران،
پوءِ اڏ ٿي مَران، پوءِ اڏ ٿي مَران......

لولي تو جا ڏني، سا وساري ڇڏيان،
پوءِ اڏ ٿي مَران، پوءِ اڏ ٿي مَران......

مَڃ مانگر ڪنان، وير وڻندو نہ رهان،
پوءِ اڏ ٿي مَران، پوءِ اڏ ٿي مَران......

هِن پنهنجي فرض کان، ”نفيس“ نادان ٿيان،
پوءِ اڏ ٿي مَران، پوءِ اڏ ٿي مَران......

# نڪري آ.......

سنها ڪپڙا، سيءَ نرَان سگهو ساڻي سنيري آ،
نڪري آ نڪري آ نڪري آ.....

تو چهرو چنڊ جيان، چوڏهينءَ وانگر اُيري آ،
نڪري آ نڪري آ نڪري آ.....

پريمي تُنهنجي پوڄا ۾ مون، دين ڌرم ويو وسري آ،
نڪري آ نڪري آ نڪري آ.....

اڃان ٻه روئان ڪيڏيون راتيون، سورج ٻنجي اُيري آ،
نڪري آ نڪري آ نڪري آ.....

”نفيس“ هُو ڏس گُل ٽڙيو، خوشبو جنهنجي نکري آ،
نڪري آ نڪري آ نڪري آ.....

## آئي مند ملهار

ٽئي جهوپي جهونگار الا الا،
آئي مُند ملهار الا الا......

بادل برسيو باغ ٻني پيا، برپٽ سپ بهار الا الا،
آئي مُند ملهار الا الا......

ٽوپيءَ ۾ پئي ٽڪون ٽانڪي، ساٽس سنڌي پار الا الا،
آئي مُند ملهار الا الا......

مينهن وَسڻ سان مڙندا آهن، ور وڃاڻين پار الا الا،
آئي مُند ملهار الا الا......

سانوڻ! سوڙهون لائي ڇڏجانءِ، سرها ٿين سنگهار الا الا،
آئي مُند ملهار الا الا......

الله ايري سنڌ سڄي آ، سرهي سا ڏيکار الا الا،
آئي مُند ملهار الا الا......

سگهو سر تي! مارو ايندئي، اُتي اگڻ ٻُهار الا الا،
آئي مُند ملهار الا الا......

"نفيس" آسون نيٺ پڄي پيون، ٿَرَ ۾ ٿي ٿڌڪار الا الا
آئي مُند ملهار الا الا......

## چوٽي دل لڳائي......

گهايل او گهايل ! ڪيڏا درد پرائي،
چوٽي دل لڳائي.

لوڪ سڄوئي ٺوڪ ڪري ٿو لالڻ لُڙڪ لڪائي،
چوٽي دل لڳائي.

ڏارين ڪي ڪا دلبر سمجهي متان اَڪ اڙائي،
چوٽي دل لڳائي........

ڏيهه سڄو هي، آهي ڏنگيندو، پنهنجو پاڻ بچائي،
چوٽي دل لڳائي.

ياد ته اهڙي يار سڄڻ جي، چڏي ٿي ڏيل ڏُڪائي،
چوٽي دل لڳائي.

”نفيس“ پنهنجا ڦٽ پُراڻا، ويتر ڪين وڌائي،
چوٽي دل لڳائي.


بيت

اوکيون ڪڍ آڙاهہ مان، اي عربي آقا،
تو ريءَ سُڄي ڪين ڪي، ٻي مون ڪنڌي ڪا،
مهر ڪيو مڙني تي، مير محمد شاهہ،
ٽُنهنجي در سوا، نہ واهر وسيلو ڪو ٻيو-

❊

اوکيون ڪڍ آڙاهہ مان، مڙني جا مهندار،
ساريان ڪندي ڪين ڪي، سوا تو سردار،
ڪريان ڪيئن نہ پچار!؟ تون سڀن جو سوجهرو-

❊

سوا تو سيدا! مُنهنجي ڪندي ڪام،
اڙيون اُڪارج احمد، جي آهن اوهان جي سام،
نرمل پنهنجي نام، وٺي هلج واٽ تان-

❊

ڪجاڻ مهر مصطفيٰ، اي مِٺا تون مُرسل،
توري طبيب ڪين ڪي، آهيان سُورن جو سڙيل،
نفيس” جو نرمل، تن طبيب تون ئي تون،“

❊

اوکين مڙي اڄ، ڪيو سَڏ سَيد ڪي،
آءُ الله لڳ، تہ وڃن سُور سرير مان.

❊

صبر ۽ شُڪر، ٻئي وڃايا سِڱَ،
آءُ لنگهي لِڱَ، تہ وڃن سور سرير مان.

❊

صبر ۽ شُڪر ڪي ڪنديس ڪُچاڙو
دلبر هٽي ويو دل جو ديدن سان ڏاڙو
ولهيءَ جو واڙو اڃي وسايو واهرا.

❊

تون ئي طبيب تن جو تون ئي ويڄ واهر
تون ئي محرم من جو باطن ۽ ظاهر
سگهو پُڄ ساهڙ موجن ماري آهيان.

❊

احد الله هڪڙو ساري جَڳَ جو مالڪ
سوئي سچو هڪ ڏٺي سُخن ايءُ سالڪ
سوئي ماري مالڪ سوئي خلقي خلق ڪي.

❊

هينئڙو آ حيران ٻڏي هاڪ حسن جي
گهوريان جيڪر جان جي پرين پنهنجو ڪن مون.

❊

ٻڏي هاڪ حسن جي ٿيو هينئڙو آ حيران
واجهائيندي ويڄن ڪي جُهري هيءَ جان
اڄي پُڇن ڪنام تہ وڃان ڪيئن ويڄن ڏانهن.

❊

وڃڻ ويڄن وَٽ تڏهن مون ٿيو
نهوڙي نيڻن سين نازڪ جيئن نيئو
ڪهڙو هي ٻہ جيئو جو سڪان ساعت صحت ڪي.

❊

آس انهيءَ آسري، جيڏيون ٽيو جيئڻ،
حاجت ناهي هَلڻ جي، ڇنگون ڪين ورن،
شل پنهنجو ڪرم ڪن، نہ تہ ويندم ساهہ سرير مان.

❊

اُٺي آڏيءَ رات جو، ڪئي اُنين الهہ توار،
اڳي سُجي ڪين ڪي، مون جتن سندي جاڙ،
پُنهل سندا پار، ڪڍيو ڪوڪاريان ڪوهن ۾.

❊

هينئڙا حد نہ ٽپ، ساري ڪي سڄڻين،
سيني ساز وڄائيو، مون ڪي سُڌ نہ پئي،
چوان ڇا ڇئي، ڳالهيون ڳُجهہ اندر جون.

❊

هينئڙي حد ڪئي، ساري ڪي سڄڻين،
سيني ساز وڄائيو، مونکي سُڌ نہ پئي،
چوان ڇا ڇئي، ڳالهيون ڳُجهہ اندر جون.

❊

هينئڙي هيڪاري، منهنجو تن تپائيو،
لڳو ڪان قريب ڪان، اٿس ڪاپاري،
زاري ڙي زاري، ”نفيس“ نانگي نيهن ڪان.

❊

جيڪي جيءَ جُڙيوم، سو سانڍي رکيم ساهہ ۾،
عبرت انهيءَ ڳالهہ جي، اچي مان عجيب،
هيجن ساڻ حبيب، ڏيندم ٻُڪي ٻاجهہ جي.

❊

جيڪي جيءَ جُڙيوم، سو ڪنان قلب قريب،
عبرت انهيءَ ڳالهه جي، اچي مان عجيب،
هيجن ساڻ حبيب، ڏيندم ٻُڪي ٻاجهه جي.

❊

سرتي سُڌ نه ڪا، سرتيون! منهنجي سُور جي،
ڇاتيءَ مٿ مُڪا، هر هر هڻن هيترا.

❊

سرتا! ايڏا سُور، سَهي ڪان سگهان،
آئون اڳئي اوهان جي، دردن منجهه ڏٻان،
وچڙي ڪونج وڳان، ايئن نه ڇڏجي ڇپرين.

❊

سرتي ڪهڙي سُد، سهان سُور نه ڪو،
ڏٻڻ منجهه ڏڪو، ڏنائون ڏُکيءَ کي.

❊

ڪهڙي سُد سڄڻين، ڏجي ڏنپ نه ڪو،
مٿي مَٿ مُڪو، هَٽي هوت هليا ويا.

❊

ڏجي ڪين ڏُکين کي، ڏٻڻ منجه ڏڪو،
منهنجو هوت هِڪو، تون ئي آهين تون پرين.

❊

تو منهن تي موهيڙا، جهڙا ڏاڙهونءَ گُڻ،
ايڏو به ته نه وَڻ، ماڻهن جي هَن ميڙ ۾.

❊

متان وسين مينهن، پريتم آهي پنڌ ۾،
اڄ اچڻ جو انجام آ، اچي لاهيون نينهن،
پوءِ تون راتيون ڏينهن، وسڻ سان وَس ڪجان،

❊

وس بادلڙا وَس، مُحب مُقيم مانگرين،
جيسين احوال اوريان، تون بنهي نہ ڪر ڪا بس،
تل نہ هڪڙو ترس، گوندر لاهي غريب تان.

❊

بادلڙي بس ڪئي، اورڻ ريءَ عجيب سان،
سوچيم سڀ سُٽائبيون، سگهيس ڪانہ چئي،
ويامي رات وئي، سواءِ سور سلڻ جي.

❊

ڪاري ڪڪر ڪاري ڪئي، وسڻ بنا ويو هليو
منٺ مون مسڪين جيءَ، تنهن کي ڪين جهليو
سجڻ سڀ سُٽائيون، مون نہ سور سليو
جي پلجي ٿو تہ پليو "نفيس" نازڪ نيهن کي.

❊

اُها گهڙي، اُهو پَل، وساريان وسري،
سجڻ پاتو سامهون، ڪارين منجهہ ڪجل،
آهي جڻ اجهل، سپ ڪنهن پاسي سونهن جو.

*

اُها گهڙي، اُهو پَل، وسري نہ موران،
سجڻ هُئو سرتيون، سُرمي ڏانهن سنيل،
ٿيو پڪ اجل، هر ڪنهن پاسي حُسن جو.

*

اُها گهڙي، اُهو پَل، ٻُلائڻ سان نہ ٻُلجان،
سجڻ هو سرتيون، سَنان تي سنيل،
ڏسندي ئي ڏڪي ويو، هينئڙي ڪيو هُل،
اهڙي ڪنهن ۾ وَل، اڳ نہ ڏٺي سون ايتري.

*

اُها گهڙي اُهو پَل، اچي ياد پيو،
تہ سجڻ هو سرتيون! پوشاڪ تي پُڳل،
ٻاري مُنهن مشعل، جهَڪو ڪيائين جوت کي.

*

ڪراچيءَ کي ڪالهہ، بمن ڪيو بيروت،
سچو آهي ثبوت، مون ماڻهن منجهہ مِرو ڏٺا،

❊

ڪراچي ڪر اچي، سُکي ستابي،
ڀائر تنهنجا بحر ۾، تون ڇو خوابي،
آهين انقلابي، منڊيا، اُٿ مهل ٿي.

❊

ڪراچيءَ ۾ ڪالهہ، ماروئڙن تي مارون،
پُڇون ڪين پاپ سين، تو کي پُڪارون،
گهر گهر اُڇنگارون، سڏين تو کي سُپرين.

❊

ڪلاچيءَ جي ڪپ تي، ڏچر جا ڏَچا،
مانگر ماريا مورڙا، ٻٽا سپ ٻچا،
ساٿي موٽ سچا، تہ ماري وجهون مڇ کي.

❊

مڇ نہ ڪائي ماس، پيئي رُڳو رت،
هِن سين هاڻ هُجت، متان ڪريو ماڻهوئا.

❊

تو کي ساري سُپرين، سپ سڳوري سنڌ،
اڳ تہ ڪڍايئي ڪين ڪي، ڪونڌر پنهنجو ڪنڌ،
هي اُهو ئي هنڌ، جت تو مانگر ماريو.

❊

جت تو مانگر ماريو، اُتي مَڇ مِڙيا،
ڀائر تنهنجا بحر ۾، سورن منجهہ سڙهيا،
لالڻ هاڻ لڙيا، ڪلاچيءَ ڪيهون ڪيون.

❊

ڪلاچي ڪيهون ڪري، ڪيڏو ڪوس ٿيو،
موٽي اڄ تون مورڙا، سيران سڏ ڪيو،
راهن رت وهيو، موٽ مانجهيئا ماڳ تي.

❊

حُجائتي هُيا، تڏهن مانگر ماريا،
نہ تہ لکين ٻار ٻيا، ڪُڏيو موٽن ڪُن تان،

❊

مُئا مرين مَڇ! ڀِٽيا ڀُڄنين ڏينهن،
ڪلاچيءَ جي ڪُن ۾، ڪندين ڪيسين ايئن،
تيسين ٿو جيئين، موٽي جيسين مورڙو.

❊

ڪلاچيءَ جي ڪُن ۾، ڪندين ڪيسين ايئن،
ڀائر مُنهنجا بحر ۾، ٿو جاڙا جاڙا نيئن،
ڏاڍا! تُنهنجا ڏينهن، ڀُنا ڀاپي ڀَڪ سين.

❊

بلا ڪي ڀالا، جو هٽين هَٿن سان،
الله! اُهي مانجهيئا، هاڻ سگهو ئي آڻ،
مُنهنجو هي مهراڻ، ساري سُکن ڏينهَڙا.

(ڪراچيءَ ۾ سنڌي ماڻهن جي قتل عام تي لکيل 02 مارچ 1990)

بر ۾ وڻ هيڪڙو پڪي، پنجاهه سئو

پن پن چاڙي چڏئون، پوءِ بہ نہ ٿين ڏئو

ڪٺو لَڳڻ لئو، متان ٿار بہ ٿوڙي سي وڃن.

***

بر ۾ وڻ هيڪرو، ڦورو ڦري وياس،

چانوَ نہ ملندئي چوڪرا، اهڙا ڪانگ پياس،

پوکيندڙ مُياس، نہ تہ مڙن ڪيئن مَڱڙ هِتي.

***

مالڪَ تون ئي وڻ جو، پوکيو پٽهي ڪالهہ،

ڏسيو ڏنيين پاڻ کي، حيف تنهنجي حال،

ويرين، واٽ هٿ ڏئي، چورا ڏي مَ چال،

اڄ ڪَ سُياءَ  اعمال، پڏرا ٿيندئي پاپ جا.

***

سنڌڙيءَ سندا شير، ويا ويچارا ولرين،

جا سين هُئا جَڳ ۾، وڙهي ورتئون وير،

اوير ۾ سوير،ساک رکيائون سنڌ جي.

***

پيءُ پاپي ڪونہ هو، پاپي پُٽ ٿيوس،

تون پينگهي ۾ پڏرو، ماڻس ايئن چيوس،

آئون ٽُنهنجي آسري، ناحق ٿي جيئوس،

تو کان هوند ميوس، تہ بہ سارينديم سنڌڙي.

***

ايءَ نہ وَڙ سندوءِ، جي ڪوڙن ڪين ڪُڇين،
قلم ڪٽيو قاضيا! سچن کي سَٽين،
ايمان پيو مَٽين، ڪوڏيءَ مٽي قاضيا!

***

انڌا، ناهي علامت، تو ۾ قاضي ڪا،
ٿو پڙهي پاپ جي، پَٽي سڀ اها،
ويچارن ويساهه، ڏيو ڏُکوئين ٿو گهٽو.

***

انڌا ، ناهي علامت، تو ۾ قاضي ڪا،
حرف حرف جو حسابڙو، ڏيندين اڄ سياءُ،
اصل عدالت آ ڏُکي، ڏٽيءَ جي درگاهه،
تو کان پڙ پُڇا، پاپي ٿيندي پاپ جي.

***

( ڪالاباغ ڊيم جي حوالي سان لکيل )



جيڏي ڪئي جَرَ، تيڏي ٻي نہ سُڃيم،
ڀينرن ڪان ڀائر ويا، ونين ڪنان وَرَ
نڪي ٻيڙيون سيرَ ۾، نڪا هوڙن جي خبر،
ڏاڍي جا ڏَمَرَ، اڳ نہ ڏٺاسون ايترا.

❊

جَرَ ماريا جيڏيون، جاتيءَ جا جوان،
نہ جهوپا، نہ جهوپڙيون، نہ مِٽَن جا تہ مڪان،
لهرن لوڙهي ڇَڏيا، تباھ ڪيا طوفان،
الله حَق سبحان، اجل آندو اوچتو.

❊

وٽجهاري! ٽوڙ ونواھ تو وَر وَيو وِير ۾،
ڇوري! ڪر نگاھ آئي تباهي تَڙَ تي،

❊

مٽ نہ مُنهنجا موٽيا، نہ ”ملاح“ ”مُهاڻا“،
”ڇالڪا“ ڇلي ويا، نہ ٻُڏجن ٽا ”ٻوهريا“،
نہ ”ٿهيمَ“ نہ ”ٿهيمور“ نہ ”رڇا“ ۽ ”راڄا“،
”ڏانڏل“ هن ديس جا، نہ ڏسجن ٽا ”ابڙا“،
نہ موٽيو هو ”ملوڪاٽي“، نہ آيو اصغر شاھ،
نڪي ”جت“ جوءَ جا نہ سُهڻا ”سميجا“،
نہ سي پَٽَ ساڳيا، نہ پريڻءَ جا پاڇا،
گهوڙا ڙي گهوڙا !! سمونڊ ڪيڏي سُج ڪئي.

❊

هي ”حرامي ڊورو“، هوءَ ”ڪريڪ چاٽي“،
بيٺ سپ ٻُڌي ويا، پَٽن مَٿ پاٽي،
سمونڊ مون سان سُڄ ڳئي،ٽيو وتان ويڳاٽي،
جيجل جوڳياٽي، ٽي ڊونڊيم ساري ٽڙَ کي،

❊

ٽڙَ ٽڙ ڊونڊي ماءَ! آيس سامونڊين کي،
نہ سي ساڳيون پيٽيون، نڪي سندن ساءِ،
بيڙيون سپ ٻُڌي ويون، نہ هلن ٽا هوڙا،
گهوڙا ڙي گهوڙا! ڪيڏي سُڄ سمونڊ تي،

❊

سُڪين شال سمونڊ! لهر نہ لهي لوڪ،
تو هر پُٽ ملوڪ، ٻوڙيو ٻيائي ڪري،

❊

لهر لهر هڪ لاش، آيل! ابابڻ جو،
انڌو ڏس آڪاش، پيو ڏُڪوئي ڏُکين کي،

❊

جيڏل! جُڙيل هوءِ، تو وَر وَريووير مان،
مُنهنجو ڪو ڏنوءِ، پُڇج پَتيءَ کان پنهنجي،

❊

پئي سينگهاري سيج، اجهو ايندم سُپرين،
پاٽهي ٽيندم ويج، چُٽندا ڦَٽ فراق جا،

❊

ڪيڏا طعام تري، رکيائين ريسَ مان،

پُٽم هوندو ٻُڪيو، ڪائي پيٽ پري،
قادر شال ڪري، موٽي مِلِنمَ سُپرين.

❊

پئي پچائي پيٽ، مهندي گهوٽ ادل سندي،
سيجون سڀ سُڃيون پيون، هر هر اچن ڪيٽ،
نِير وهائي نيٽ، ساري ءِ سُڏڪا پري.

❊

جي هُجن ها هِتي، ته اچن ها سي اڄ،
هينئڙا! هوتن سواءِ، "وانول" وانگي وَڄ،
دل نه تن تان ڪڄ، جي ويا ويچارا ويرَ ۾.

❊

سمونڊ ڪيڏي سُڄ ڪئي، نه سئوٽ، ماسات، ماءَ،
پيءُ پاٽيءَ ٻوڙيو نه چاچو، مامون، پاءَ،
نه خبر آئي خير جي، جَرَ تي اڄ انياءَ،
سورن جي ته سماءَ، اجل آندي اوچتو.

❊

جيڏيون لهرون تيڏا لاش، آيل اباٽن جا،
انڌو اڄ آڪاش، ڏُک نه ڏسي ڏيهه ۾.

❊

اڳي مينهن وَسن، هيل وٺو موت،
جهڙا ڪي اچوتَ، هُجون ڏارئين ديس ۾،

(هنن بيتن ۾ اُنهن ذاتين، برادرين، رشتن ناتن ۽ اُنهن جاين، جڳاين، بيٽن ۽ ٻورَن جو ذڪر ٿيل آهي جيڪي اُنهيءَ وقت طوفان ۾ تباهه ٿيا هئا)